ع.غ "تبسم"

وجود جو دريا

[شاعري]

پبليڪيشن





سورھ سنڌي ادب



صاحب خان سورھ ميرائي

Cell No: 0344 3919786

0300 3404488

تمہارے احساس غم میں بھی ساتھی ہیں

ہر سفر ساتھ ساتھ ہوں ہم سفر

جی اسلام

نوٹ دیہار ۲۵ مئی ۲۰۲۴

ع . غ . شمشاد



وجُود جو درياهُ

[شاعري]

عبدالغفار "تبسم"



مرڪ پبليڪيشن ڪراچي
2023ع

كتاب نمبر: 179

كتاب:	وڄود جو درياھ
موضوع:	شاعري
شاعر:	عبدالغفار "تبسم"
مرتب:	عبيد ڪنڀر
ڪمپوزنگ:	امر ميراڻي
ٽائيٽل لي آئوٽ:	زين ڪمپيوٽرس ڪراچي
ڇاپو:	پھريون
مھينو، سال:	جولاءِ2023ع
تعداد:	پنج سئو
ڇپائيندڙ:	مرڪ پبليڪيشن ڪراچي



Published By: Murk Publication Karachi
Office: Room No 319/320 3rd Floor Sabir manzil 98
Behind Gul Plaza Marston Road Karachi
murk.publication@gmail.com
murtazalaghari64@gmail.com
021-32772494
03005182494

ملھ: 500 رپيا

ڪتاب ملڻ جا هنڌ:

مرڪ پبليڪيشن ڪراچي، ڪانياواڙ بوڪ شاپ اردو بازار ڪراچي
سمبارا ڪتاب گھر حيدرآباد، عزيز ڪتاب گھر سکر
پيڪاڪ ڪتاب گھر لاڙڪاڻو، رابيل ڪتاب گھر لاڙڪاڻو
دانيال ڪتاب گھر حيدرآباد، عاجز منگي سانگھڙ
سوچ ڪتاب گھر دادو، مدني بڪ شاپ دادو
تھذيب بڪ اسٽور خيرپورميرس، ٿر ڪتاب گھر مٺي
سليمان ڪتاب گھر نواب شاھ، پريتم قاضي نواب شاھ

ارپنا

کماڻي وڏي داستان ٿي رهي آ،
جنونيت لڳي ٿو جوان ٿي رهي آ،
هيءَ ڏُکندڙ دنيا، هاڻي ٽڪجي رڙهي ٿي،
جهوني منطقن ڏانهن، روان ٿي رَهي آ.
(ع.غ. تبسم)

ويهينءَ ۽ ايڪيهين صديءَ جي گهري مطالع بعد اها ڄاڻ پئي ٿي تہ، ويهين صديءَ جي عالمي جنگن بعد، هينئر ايڪيهينءَ صدي شايد آڳاٽي، اونداهي ۽ ارتقائي دور بعد جيئن ڏاندن گهوڙن جي گوئين ۾ هڪ مقرر حدف تي پهچي (Turning Point) وري جيئن شروعات ڏانهن موٽ کبي آهي تہ موجوده سفاڪين، وحشتن، بي شناسين، بي حيائين، ۽ ه زورائين ۽ فسطائيت جي پيهر عالمي تسلط جي وڌندڙ رجحانن، لاڙن، ارادن کي پسي، مؤرخ يا محقق، اڳڪٿيون ڪندڙ اها اڳڪٿي ڪري اندازا هڻي سگهن ٿا تہ ائٽمي سگهون حاصل ڪرڻ بعد هيءَ دنيا هينئر انهن ايٽم بمن کي دنيا ۾ آزمائڻ جي تجربن لاءِ آتي آهي، ۽ عالمي سامراجي قوتون انهن سامراجي ۽ فاشسٽ ارادن کي پنهنجن منشائن موجب، ٽولا ٽولا ڪري، انهن کي نيٽو جهڙن معاهدن ۾ ورهائي، جنهن جو عالمي قوتن مهاڀاري جنگ ويل ئي بنياد رکي ڇڏيا هئا.

دنيا جا تواريخ دان، آسماني علمدان ۽ سائنسدان هن ايڪيهين صديءَ کي پلي ڪيئن بہ بيان ڪن پر هڪ دنيا جي امن پسند شاعر جي ٽولي سان نسبت هڻڻ ڪري، هن ايڪيهين صديءَ جي ڏاڍ، ڏمر، ڏوهن،

سفاڪين، وحشتن، بيشناسن جي، ڏينهون ڏينهن وڌندڙ بربريت جي رفتار ڀسي، پوري اعتماد سان چئي سگهي ٿو تہ هي مڃيءَ پريل دنيا هينئر گوءِ جي حدف ڪي هٿ لائي واپس پنهنجي اونداهين دور ڏانهن ورڻ ٿي چاهي، شايد دنيا يا تہ فرعونن شدادن، نمرودن، زارن، رومن شهنشاهيت ڏانهن واپس سفر جو يا اڃان ان کان بہ اڻ ڳڻيا سال پوئتي بِگ بئنگ (Big bang) جو پيپ پريءِ وري ڪنهن نئين (Super big beng) کي اوڳاڇڻ چاهي ٿي.

جاڳرتائن ۽ انساني ترقين جي عالمي دعوائن هونديءِ سماجن جي سجاڳين جون هامون هڻندڙ دنيا ۾ جمال خوشونگي ۽ ارشد شريف جي دليرين سان ڳيا ڳيا ٿيل لاشن کي پسڻ ڪانپوءِ دنيا جي وڌندڙ فسطائيت کي مدِ منظر رکنديءِ هن ڪتاب جي اَرپنا، پنهنجي مخلوق الحال ڌرتي ۽ ڌرتيءَ واسين جي سُکن، سلامتين جي خواهشن ۽ دعائن جي نانءِ ڪريان ٿو.

-ع.غ "تبسم"

فهرست

پبلشر نوٽ

عبدالغفار "تبسم" جي شخصيت ڪنهن بہ تعارف جي محتاج نہ رهي آهي، جيتوڻيڪ باذوق، باشعور علمي ادبي حلقن، موسيقيءَ سان چاهہ رکندڙ ماڻهن، شاعريءَ جي پڙهندڙن وٽ سگهاري سڃاڻپ سندس شاعري آهي، نہ رڳو ايترو پر سندس نثر بہ ڪمال جو آهي، هن سڄي زندگي ادب کي ڏني آهي. خاص طور تي سندس شاعري جو حوالو ايترو تہ سگهارو آهي جو پراڻي ٿهي تہ سندس پرستار آهي ئي پر نئين ٿهيءَ ۾ بہ مقبول رهيو آهي. مختلف راڳين جي آواز ۾ سندس شاعري هنڌ ۽ سنڌ جي شهرن توڙي ٻهراڙين ۾ گهڻي ٻڌي وڃي ٿي. اُهو ئي سبب آهي جو استاد بخاريءَ کان پوءِ کيس عوامي شاعر طور مڃيو وڃي ٿو.

ع. غ تبسم جيتوڻيڪ سنڌ جي ننڍڙي شهر نئين ديري سان تعلق رکي ٿو پر سندس شخصيت علمي ادبي حوالي سان جڳ مشهور آهي. تبسم صاحب نہ رڳو خوبصورت شاعر ۽ نثر نويس آهي، پر سندس شخصيت پڻ باڪمال جي آهي. ساڻس ڪچري جو لطف ايترو آشنا ڪري ٿو جو دل پئي چوندي تہ جيڪر سڄي حياتي گڏ رهجي.

عبدالغفار "تبسم" ڪيترن ئي ڪتابن جو خالق، لاتعداد گيتن جو شاعر، ۽ موسيقيءَ جو ڄاڻو آهي. سندس شاعري فني ۽ فڪري حوالي سان تہ گهڻي پختي آهي پر تخيل ۾ ڪمال جي موسيقيت پڻ اٿس، سندس شاعريءَ جا شيدائي ٻڌندڙ تہ آهن ئي پر ڳائيندڙ بہ ڳولائو رهيا آهن. تبسم صاحب جا ڪيترائي مقبول گيت جيڪي ڪيترن ئي راڳين پنهنجي پنهنجي ڪمپوزيشن ۾ بار بار ڳايا آهن، پر ڪڏهن بہ ورجاءُ محسوس نہ ٿيو آهي. سندس شاعري ۾ ٻوليءَ جي پختگي، پراڻن اصلوڪن سنڌي لفظ جو استعمال، سادو سلوڻو لهجو ئي سندس شاعريءَ جي خصوصيت آهي، جو عام ڳوناڻو بہ سندس تخيل کي سمجهي ۽ لطف ماڻي ٿو.

"وجود جو درياهہ" ع. غ تبسم جو اهم شعري مجموعو آهي، جيتوڻيڪ ويجهي ماضيءَ ۾ شندس شعري مجموعو شايع نہ ٿيو آهي، اُن ڪري "وجود جو درياهہ" تبسم صاحب ۽ سندس پرستارن وچ ۾ وٿي ختم ڪندو. يقينن هي شعري مجموعو پڙهندڙن کي پسند ايندو.

مهاڳ:

ادب ۽ قوم جي ساڃاهه جو قدر دان شاعر

عزيز قاسماڻي

ڪُن فيڪون کان وٺي هن وقت تائين تاريخ گواهه آهي ته سنڌ ڌرتيءَ جو نالو سنڌ ئي رهيو آهي. ايترين وڏين ٻوڏن، طوفانن ۽ ڌارين جي حملن جي باوجود به سنڌ پنهنجي بقا جي جنگ ڪڏهن به هارائي ناهي. ڌارين ڄابرن جي حملن ۽ قدرتي آفتن ۾ سنڌ جي لباس تي دز ۽ لٽ ته ئي آهي ته ان دز ۽ لٽ کي هتان جي آرٽسٽن اديبن، دانشورن، ڏاهن ۽ شاعرن پنهنجي اکين جي آب سان ڌوتو آهي.

سنڌ خطي جي خمير جو فڪر پيار، سونهن ۽ انسان دوستي آهي. اسان سيني جو سرتاج ڪوتاگر شاهه لطيف فڪر جو سڄو سرچشمو آهي، جو چوي ٿو:

سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سُڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

- شاهه

اسين ته پوري عالم جا دعاڳو ۽ سيواگر آهيون. ڪڏهن به ڪنهن جي لاءِ ميرُ نه رکيو آهي. هر ساهواري ۽ غير جاندار (صنم/پٿر) جي عزت ۽ پيار ڪيو آهي.

اسان سان هر دؤر ۾ ظالم صفت ٽولن نوڙ ڪيا آهن. اسان جي عزتن ۽ عظمتن جي ڇاتيءَ کي چاڪ چاڪ ڪيو آهي.

اسان جي ننگن ۽ دنگن جي پيل جن به ڪئي آهي، اهي اسان جي نظر ۾ فطرت جي اصولن ۽ آدرشن موجب مهذب ناهن. جيڪي ننگ ۽ ناموس جا دشمن آهن انهن کي اسين مهذب، نه ٿا سمجهون. ان سڄي ماضيءَ جي تلخ گهڙين لاءِ هي شعر ڪافي آهي.

دؤر "سرمد" ڪيترا .آيا ڏکيا،
گهوٽ ٽي گهاٽي گهڙيا آهيون اسان
- سرمد

سنڌي ماڻهن هميشه پنهنجي بچاءَ واري جنگ وڙهي آهي، ڪڏهن به حملي آور نه ٿيا آهن.

سائين عبدالغفار "تبسم" اهڙن ئي ويساهه، ڀروسي ۽ اعتبار ڪي توڙڻ وارن ماڻهن لاءِ واضح چيو آهي ته تاريخ ۾ اسان سڪ، پيارُ پنهنجائپ ۽ پناهه جنهن ڪي به ڏني آهي، انهن راتاها هنيا آهن.

سڪ جي سوداگريءَ ۾ لٽجي وڃڻ ڪان پوءِ،
گنج گُل مان دل جي مکڙي پٽجي پوڻ ڪان پوءِ،
اجڙڻ جو روح پرور منظر ته ڏس اچي،
آءُ! ڏس ته آشيانو وِڄُ جي ڪرڻ ڪان پوءِ.
- تبسم

اوهان تبسم سائين جي هن شعر سميت سموري شاعريءَ جو مطالعو ڪندئو ته هن وٽ خيال پيش ڪرڻ جو لساني آهنگ پنهنجو آهي. جهڙي طرح ڪلاسيڪل شاعرن ۾ شاهه لطيف جو فني توڙي فڪري طور اسلوب پنهنجو اپنايل آهي. ڪلاسيڪل دؤر ڪان دؤرِ جديد تائين بيت توڙي وائي لکندڙن تي شاهه لطيف جو اثر نظر اچي ٿو. اهو اثر فن، فڪر ۽ علم بيان جو آهي.

هن دؤر ڪي ڀر ڪجي ٿو ته اهڙا تخليقڪار تمام ٿورا آهن جن وٽ لکڻ جو ڏانءُ، ڏگ، پنڌ ۽ پيچرا پنهنجا آهن.

علم بيان ۾ تبسم صاحب پنهنجي انداز جو شاعر آهي، هن جي ڀرسان پرسان به ڪوئي نه لکي سگهيو آهي، خيال ڪي اظهارڻ وقت هن جي سچيتائپ ظاهر ٿي ٿئي.

قسمت جي ٽنڻ ڪي ڪو آواز ناهي هوندو،
پڻ ساهه جي ڪٽڻ ڪي ڪو آوازُ ناهي هوندو،
همعصر، هم نشين تون، وک وک ڪي سنڀالي ڪڻ،
ويسهہ جي وڃڻ ڪي ڪو آواز ناهي هوندو.



اگر آدرشي وقتن جون آئينديءَ کي سڏون جاڳيون،
تہ پوءِ ايندڙ زمانن کي، ماضيءَ وارا وصف گهربا،
جي جڳ اڳتي اصل نسلن تي، ڪائي ڪوجنا چاهي،
تہ ڪيس صوفين ۽ سامين کي سچڻ لئہ پڻ ڪشف گهربا.



دنيا جون ساريون حُسناڪيون، رنگينيون، ڇڇٽا تنهنجا،
ديدن ۾ دلبرين واريون، ولهاريون، ولولا تنهنجا،
توکي چاهڻ ڪان پوءِ وارن سالن، منٽن سيڪنڊن ۾
ڪنيل ساهن جو سُنهن مونکي، سدائين سلسلا تنهنجا.



لوڪن جي چهري جيان درد بہ چهرا ٿو گهري،
مون وارو شغل بہ وجدن جي لئہ سهرا ٿو گهري،
چهرا تہ خود نمائيون زور سان ڪسي ٿا وٺن،
درد ڪيئن ڪنهن کي چوي، هو بہ اوهيرا ٿو گهري



دنيا جي سرحدن تي باهہ ٻرندڙ جنگ جا سورج!
تون ٽرنڊين، يا وسامڻ لئہ اچا توکي صديون گهرجن؟

اُهو لکڻ جو انداز يا خيال کي پيش ڪرڻ جو ڏانءُ جيڪو معياري هجي فڪر جي رواجي انداز جو نہ هجي ۽ اثر پذير هجي، خيال شعور ۽ تصورن جي لباس ۾ پيش ٿيل تہ هجي پر خيال جي پيشڪاري بانسي نہ لڳي.

تخليقڪار جي پنهنجي اسلوب جي وڏي سڃاڻپ اها آهي تہ:

شعر ٻڌڻ سان ٻوليءَ جي الٽ ايتري جداگانا آهي جو ٻڌندڙ سواءِ مقطع پڙهڻ جي اهو چئي ڏئي تہ هي شعر ع.غ. تبسم جو آهي.

لساني حوالي سان تبسم سائينءَ جو شاعرانہ اظهار ۾ اسم تصغير جو وڏيڪ استعمال ٿيل آهي.

شعر جي اندر خيال جو بيساختہ پڻو ۽ اڇل موجود آهي.

سندن شعر ۾ تشبيهن جو استعمال گهڻ مشاهدي واري شاعر طور ڏيک ڏيندڙ ياسبا آهن.

هن جي شاعريءَ ۾ لفظ، منظر ۽ معنيٰ فطرت کي ويجهي کان ويجهو پيش ڪندا آهن ۽ انهن ۾ اوپرائپ نہ ملندي آهي ۽ فطرت جي منظرن جي عڪاسي آهي.

عبدالغفار تبسم پنهنجي قوم ۽ ادب سان ڪمٽيڊ آهي. قوم جي هر ڏکئي توڙي سکئي حال ۾ قوم سان گڏ بيٺو رهيو آهي. مفاد تبديل ڪندڙ ماڻهن کي پسند نہ ٿو رکي، هن دؤر جي ويساهہ گهاتيون ڪندڙ ٽولن کي سڃاڻي ٿو ۽ پنهنجي تاريخي تسلسل کي سنڀالڻ جو ڏانءُ رکي ٿو. هڪ سچيت شاعر طور سڃاڻپ رکي ٿو.

هن ڪتاب ۾ جيڪي شاعراڻيون صنفون، اوائلي بيت، جديد بيت، دوها، نظم، غزل، نثري نظم، نثراڻو نظم، قطعا شامل آهن. ان کان سواءِ اردو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ شعر چيل آهن.

”اڙي زندگي“ هڪ اهڙو نثري نظم آهي، جنهن ۾ انسان جي داخلي توڙي خارجي احساسن تي آڌاريل جديد نظم جو شاهڪار نظم آهي. جنهن ۾ انسان جي مٽيءَ مان پيدائش کان وٺي ايندڙ زيرو بائيٽ تصورن کي پيش ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ انسان اک ڇنڀ ۾ زمان ۽ مڪان جون مسافتون طئہ ڪري وٺي ٿو.

جديد نظم جون فني توڙي فڪري گهرجون پوريون آهن. ”ڀڳت سنگهہ ۽ اياز“، ”نڪور نظم“، ”رڳو ٿو سوچيندو وتان“ ۽ ٻيا ڪيترائي جديد نظم هن ڪتاب ۾ موجود آهن.

نڪور نظم

هيل پڪو پهہ ڪيو اٿم،
تہ پنهنجي حصي جا سارا
سانوڻ سيارا
وڪڻي

عالمي خيراتي ادارن کي اربين ڇڏيا،
ڇو جو...
اُهي هاڻي منهنجي ڪنهن بہ ڪم جا ناهن رهيا.

هن جديد نظم کي مڪمل پڙهڻ کان پوءِ اهو احساس جنم وٺي ٿو تہ سنڌي قوم جتي رهي ٿي اتان پرپاسي وارا ماڻهو نڪ تي رومال ڏيئي گذري ٿا وڃن. آئون سمجهان ٿو تہ ان گندگي جو ذميوار هتان جو عوام نہ آهي.

هاڻي اچون ٿا، ٺيٺ سنڌي شاعراڻي صنف بيت ڏانهن:

سمونڊ تي مينهن جيئن، اُتلي اوهيرا ڪري،
ساجن! سنڌ تيئن، پالوٽجن پريتڙيون.

سنڌو ڪلا سورٺا ڇند، 25x25=50 ماترائون.

سورٺي بيت ۾ فن جو استعمال وڻندڙ سلوڻو آهي.

سائين ع.غ. تبسم عربي ٻوليءَ جي شاعراڻي فن علم عروض ۽ ڇند وديا جو ڄاڻو آهي ۽ هن وٽ فن جي پيشڪش بہ فڪر وانگي سگهاري آهي. اها ڳالهہ ڪرڻ آئون ضروري ٿو سمجهان تہ ع.غ. تبسم کي هن وقت تائين نقاد نہ مليو آهي، جنهن جي ڪري هن ڳُل جڳ جي ڪوتارجي فن ۽ فڪر تي نہ لکيو ويو آهي.

بحر متقارب مثمن ۾ هي غزل رچيو ويو آهي، جنهن جي ٽلهہ جي اساسي مصرع کي بہ ٻيرا استعمال ڪيو ويو آهي ۽ ٻنهي جاين تي هيٺين مصرع کي خيال توڙي قافيي جي ورجاءَ کان پاڪ رکيو ويو آهي.

ڪهاڻي وڏي داستان ٿي رهي آ،
جنونيت بہ آتش فشان ٿي رهي آ.
ڪهاڻي وڏي داستان ٿي رهي آ،
وجودن ۾ وحشت جوان ٿي رهي آ.
بحر متقارب مثمن.
وزن: فعولن، فعولن، فعولن، فعولن.

هن بحر تي اهو نانءُ ئي ان جي ڪري رکيو ويو آهي جو وتد ۽ سبب ويجهي ڪان ويجها آهن.

هن غزل جو مقطع نہ ڏيڻ هن غزل جي فڪر سان انصاف نہ هوندو جنهن ۾ شاعر دنيا جي سمورن مظلوم ماڻهن جي قاتلن جي نڪ جي پڪائي ڪي ظاهر ڪيو آهي ۽ پنهنجي قوم ڪي رهزنن ۽ ظالمن جي ڊپلوميٽ انداز ڪان واقف بہ ڪيو آهي.

سفاڪ ۽ ڪل وقتي قاتل پڇن ٿا.
لهوءَ واري بارش ڪٿان ٿي رهي آ.

هن بحر ڪانسواءِ ٻين بحرن ۾ بہ غزل رچيا ويا آهن ۽ ڪتاب جي وڏي خوبي اها بہ آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي شاعراڻين اساسي صنفن سميت جديد صنفون بہ ملن ٿيون.

آئون هن راءِ تي پهتو آهيان تہ:

عبدالغفار تبسم علم عروض ۽ ڇند وديا جو ڄاڻو شاعر آهي.

هو پنهنجي ڌرتي ۽ سرتيءَ جو وفا شعار آهي.

جديد دؤر جي فڪر ڪان واقفڪار هجڻ سان گڏ جديد دؤر جي بي راهہ روي ڪي ناپسند ڪري ٿو.

خيال جي پيشڪش جو اتم ڏانءُ رکي ٿو.

فڪر ڪي پيش ڪرڻ ۾ ڪٿي بہ منجهي نہ بيٺو آهي.

سلوٽي ٻوليءَ جو پيش رو آهي.

وڏو سچ تہ پنهنجي ڌرتيءَ سان پيار ڪرڻ ڄاڻي ٿو ۽ هن ان ڪي پيش ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏي آهي.

محبوب (سرمد) جو بنگلو
ميراڻي محلو لاڙڪاڻو
0334_2003003

آمهاڳ:

تبسم صاحب جو شاعراڻو اڪائونٽ!

خليق ٻگهيو

سنڌي شاعريءَ ۾ اُستاد بخاريءَ کان پوءِ جنهن شاعر کي وڏي عوامي مقبوليت حاصل رهي آهي، تنهن ادبي شخصيت کي اسان عبدالغفار تبسم جي نالي سان سڃاڻون ٿا. سندس تازي شاعريءَ جو هيءُ مجموعو ”وُجود جو درياهہُ“ اوهان جي هٿن ۾ آهي. آئون چاهيندس تہ سندس شاعراڻي اڪائونٽ ۾ ڊاڪيومينٽ ٿيل سندس شاعراڻي تخيلات يا شاعراڻي فڪشن واري تخليقي ادب جي مختلف زاوين جي اڪيل ڪري سندس پورهئي جي قدر ۽ قيمت جي ڪجهہ ڳڻ ڪريان.

تبسم صاحب جا ڪلام نہ صرف سنڌ جي ڳليءَ ڳليءَ، گهات گهات تي، رستن، چونڪن، چوراهن ۽ ادبي محفلن ۾ مشهور رهيا آهن، پر سندس شخصيت پڻ ادب دوستن لاءِ قابلِ احترام رهي آهي. سندس هيءُ شعري مجموعو سندس ڪيترن ئي پيڙائن، دردن، اوسيئڙن، چنتائن، حسرتن ۽ زندگيءَ جي امنگن جو عڪاس آهي. شاعري، روح جي پناهہ گاهہ هوندي آهي، جڏهن ماڻهوءَ جي اندر جو سمونڊ پنهنجي مڪمل جوڀن تي هوندو آهي. ماڻهوءَ جي اندر جي ڪائنات، هن ڪائنات کان وسيع ٿئي ٿي، جنهن جي مُصوري، آئينہ داري، منظر ڪشي ۽ جنهن جي اتهاس جي سگهاري گواهي رڳو تخليقي ادب ڏئي سگهي ٿو. تخليقي ادب ۾ شاعريءَ جي صنف تہ وڏيڪ حساسيت، جذبن جي نج پٽي، اُڏمن جي اُڇل، احساسن جي نزاڪت ۽ گُهٽيندڙ ڏکن جي ترجمان صنف هوندي آهي. شاعري فرد جي اندر جي اتهاس کي دستاويزي بڻائيندي آهي ۽ صَدين جي دَورن ۾ تقسيم ٿي، انساني جياپي، فطرت، رُوح ۽ زندگيءَ جي باغباني جي ضامن بڻجي پوندي آهي. شاعري، رڳو ماڻهوءَ جي سورن، عذابن، اهنجن، مُصيبتن، ڏکن ڏولائن، رنج الميي جو ثمر نہ هوندي آهي، پر ماڻهوءَ جي خوشيءَ، مسرت، سُکن، سهنجن، ترقي، خوشحالي ۽ ڪاميابين جي رستن جو تعين پڻ ڪندي آهي. عبدالغفار

”تبسم“ جي شاعري پڻ انيڪ موضوعاتي دائرن جي چوڌاري تصوراتي خاڪا جوڙي ٿي. ”ڳتيءَ جي رَتَ ڪري پُڇندس“ سندس نظم پڙهي اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ هُن وٽ ڪيڏيون نہ خوبصورت، جمالياتي حظ بخشيندڙ سگهاريون تشبيهون آهن. رَتَ، قديم زماني ۾ اها ڦيٿي گاڏي هوندي هئي، جيڪا جنگين ۾ ڳتب ايندي هئي. جڏهن پرينءَ تائين رسد جا مادي وسيلا ختم ٿيو وڃن، تڏهن انساني ذهن فڪشن جو سهارو ڳوليندو آهي. انساني رُوح ڪائنات جي پاتال ۾ وڃڻ تائين جستجو سعاريندو رهندو آهي. عبدالغفار ”تبسم“ جي تخليقي ڪائنات ۾ اهڙو ”شاعراڻو فڪشن“ موجود آهي، جنهن جو زمانُ ۽ مڪان فطرت ۽ مڪاني زندگي آهي. هُو شعري لسانيات جي تعميرِ نَوَ ڪندي اِهڙا استعارا تخليق ڪرڻ جو فَن ڄاڻي ٿو جنهن کي انتقاد جي اصطلاح نگاريءَ ۾ شاعريءَ جون ”اِستحڪاماتِ“ چَئِي سگهجي ٿو. اُهو سندس شاعراڻو اِستِحقَاقُ آهي تہ هُو محبوب کي ستارن جي سيرانديءَ کان، چانڊوڪين جي وڇاڻن تي ننڊ سارڻ واري لمحي ۾ خوابن جي ڪائنات جي سفر ڏانهن وٺي وڃي ٿو پنهنجي ڳميءَ کي پڻ امڪاني تصور جي هيٺ رکي ٿو ساڳئي وقت محبوب جي صَدا تي ڳتين جي رَتَ ڪري پهچڻ وارو وچن واري ٿو. هِن ڪان وڏيڪ رومانوي، جمالياتي، فطري، حِسيت ڀريو شاعراڻو اظهار ڪهڙو هجي، جو پرينءَ جي نزاڪتن مُدعِي ٻڌجي سگهي!

ڳتيءَ جي رَتَ ڪري پهچندس

سڳنڌن سرهاڻين ويلي،
ستارن جي سيراندين ڪان،
چانڊوڪين جي وڇاڻن تي،
جيئن ننڊ سارين نيڻن ۾،
خوابن جي وندر ڪارڻ،
اگر منهنجي ڳمي سمجهين،
حجابن جي حصارن ڪان،
بنهہ بي ڌڙڪ تي سانول،

ڪيڏو بہ ڏور پائئين ٿون،
صدا ڏيندين تہ مان پاڻهي،
ڳتيءَ جي رَتَ ڪري پهچندس.
(عبدالغفار "تبسم")

انسان ڇا آهي؟ انسان جي مڪمل دريافت اڃان نہ ٿي سگهي آهي. انسان جو نہ پنهنجي پيدائش نہ موت تي غلبو آهي. سارتر، وجوديت جي فلسفي موجب، زندگيءَ جي ڪارج کي ڳولڻ جو رستو کوليو. وجوديت جا فلسفي مٿا. ڪٿ انهيءَ نتيجي تي پُهتا تہ انسان کي پنهنجي زندگيءَ کي پاڻ ڪارج ڏيڻو پوندو. بي معنويت ۾ پاڻ معنويت تخليق ڪرڻي پوندي. ڪم ڪرڻ جي صلاحيت يعني جوهر کي متحرڪ رکڻو پوندو. جوهر انهيءَ ڪري مقدم آهي. مافوق الفطرتي قوتن جي اڳيان نصيب رحم ڪرم تي رکجي يا شعوري جدوجهد ڪئي وڃي، پر زندگي اٿاهہ جاکوڙ بعد بہ موت اڳيان هارجيو وڃي. انسان، جيڪو ڌرتيءَ جي گولي تي هر طرح جي شعوري ۽ لاشعوري عذابن جو شڪار آهي، تِنهن جو ڇوٽڪارو ڇا ۾ آهي؟ ڪي نرواڻ خاطر ورق اُٿلائن ٿا تہ ڪي جبل جهاڳين ٿا. ڪي سَت سمنڊ پار سُڪون جي ڳولا ڪن ٿا تہ ڪي درياهہ پار ڪندي ٻُڏي امرتا ماڻين ٿا. پر جيئري امرتا پسڻ ڏاڍو ڏکيو عمل آهي. عبدالغفار "تبسم" جهڙو حساس شاعر پڻ انهيءَ تناظر ۾ پنهنجي شاعراڻي افسانويت ۾ هڪ پُرڪشش تخيل جنمي ٿو. هُو پنهنجي دلربائي شاعراڻي انداز سان خدا ڪان حياتيءَ جي پورهئي جون رهيل ننڍڙيون بئلنس ۾ گُهري ٿو. وڇورن جي ورق گردانيءَ جو عرض ڪري ٿو. بي حساب زندگيءَ جي ڪُل روحاني ملڪيت جي رجسٽر تي ٿيل داخلا جو تصديق نامون طلبي ٿو. اُهو سڀ سفر بي معنويت کان معنويت ڏانهن ويندڙ سفر آهي. عدم کان وجود جي اثباتيت يا تحت الشعور- لاشعور کان شعوريت جي نيڪ پهلوئن ڏانهن اچڻ جو اجازت نامو ۽ آمادگي آهي. سندس هِن قِسم جي ادائيگيءَ نوڙت، نهٺائي، عاجزي، انڪساري، نرملتا، شگفتگي، ملائميت ۽ حساسيت جا اڪائونٽس آهن. ڪِي آدرشي خيالَ، سندس اهڙي ڪرافٽمئنشپ جو حصو ٿي

ڊاڪيومينٽ ٿين ٿا، جَن جي مٿان شاعري جي حُسناڪيءَ وارو عنوان آهي. اُهو ئي سندس شخصي سحر ۾ ٻڌل تاثر آهي، جيڪو سندس تخيلاتي ڪئنواس تي ٻوليءَ جي صالح استعمال سان معرض - وجود ۾ اچي ٿو:

ننڍون توڙي رهيل هونديون

جهانن جي وهنوارن جا
ساري سنسار جا صاحب!
ٻڌي ۾ ريزڪيءَ واري
سچي واپار جا والي
پنهنجي تنهن
ڳُڻ ۾ فيڪون جي
ڪاتي واري رجسٽر تان
منهنجي ڪنڌي جي ورقن ڪان
جڏهن پنهنجي ڏيتي ليتيءَ جون
وندون، ضربون
وٺڻ چاهين
مون کي
چُڪتو ڪرڻ چاهين
روينيو جي ستين فارم
واري پنهنجي رجسٽر تان
منهنجن ساهن پساهن جي
جڏهن داخلا
وارڻ چاهين
ڏاڍين باريڪبينين سان
جڏهن پنهنجا ڪنڌا پاڙين
وِڇُورن جي تن ورقن تي
ڏيانن سان نهاريندين
تہ منهنجيءَ

ڳل حياتيءَ جي
اندازآ
اڌ عمر جيڏيون
ننڍڙون توڙي رهيل هونديون
تو وٽ
پاڇي پيل منهنجا به
اٽڪل اڌ عمر جيڏا
اوجاڳا
رهت ۾ هوندا
مناسب جي لڳئي سائين
نہ ڪا
مٺيان
پائئين جيڪر
سي مون کي منهنجي پورهئي جون
ننڍڙون بئلنس ۾ گهرجن.
عبدالغفار ”تبسم“

شاعري، شاعري هجي، صنفن جو خسارو شاعريءَ جي حقيقي هجڻ کان بعد جو ليکو آهي. شاعري، شاعري تڏهن ٿيندي آهي، جڏهن انهيءَ ۾ ڳالھ اظهارڻ جي شاعراڻن رستن جو تعين ڪيو ويو هجي، جڏهن انهيءَ ۾ شعري لسانيات جو وجود پڌري پٽ هجي، جڏهن انهيءَ شاعريءَ ۾ چَوتِ جي مَحبوبائي پوئيل هجي، جڏهن شاعري، واقعي شاعراڻو سُياءُ بہ ڏيندي هجي، جڏهن لفظن جي نثري اظهار جي ابتڙ، خيالن جي نظمي مالها جا هار هڪ الڳ انداز واري سٽاءَ ۾ هجن ۽ شين جي اندروني لقاءَ کي روح سان پسڻ واري عڪس جي مصوري هجي. تڏهن ئي شاعري، شاعريءَ جو حقيقي مسند ماڻيندي آهي. شاعريءَ جا پنهنجا نسل، پنهنجا قبيلا ۽ پنهنجا ڪاروان ٿين ٿا. جيئن ”تبسم“ جي شاعريءَ ۾ اوجاڳن جي ٿڪاوٽ بہ آهي تہ اتهاس جا زخم بہ آهن. دانهن جا پڙاڏا بہ آهن تہ عملن جون محنتون بہ آهن ۽ رد عملن جا معاوضا پڻ

آهن. شاعريءَ ۾ اسلوبيت, ڇوت جي ڍنگ ۾ سرور جنمڻ هڪ الڳ خاصيت آهي, جيڪا شاعراڻي امانت آهي, "تبسم" جي شاعراڻي حظ ۽ ادبي ورثي ۾ انهيءَ تناظر ۾ صوتياتي سرمايو موجود آهي. "تبسم" پنهنجي شاعريءَ جي تخيل ۾ محرومين جي پنڌن تي اُڏاڻ سفر بہ ڪري ٿو. سندس غزليہ شاعري, سندس اندر جي شخصيت جي سچي پچي عڪاس آهي. سندس رديف قافين تي بحث ڪرڻ کان بہ اڳ, سندس شاعريءَ جي شعري لسانيات ۾ لفظن جي چُونڊ, سِٽن جو سٽاءُ, پيشڪش جو انداز ۽ لفظيات جي صوتياتي هم آهنگيءَ مان نمايان ٿيندڙ موسيقي, موسيقارن لاءِ داعي رهي آهي. لاتعداد فنڪارن سندس تخليقن ۾ سُر پريا آهن. تالَ ۽ نغمگيءَ جي رچاءَ ۽ وچت توڙي نيم ڪلاسڪيت جي راڳ سان اڄ بہ سندس غزلَ ساڳيو ڀرپور جوبن واڳين ٿا, جيڪو جوبن ڪين ماضيءَ ۾ حاصل سير هو. سندس شاعري عروض جي مٿاڪٽ برعڪس غنايت سان سرشار آهي. هُن جي شعريات جوفن عروضي ارڪانن جي برعڪس وڏيڪ ردمڪ آهي, جنهن تحت اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ هُن وٽ موسيقيت جو سحر آهي:

عمر جي ڄاڳَ تو ڍويان, اوجاڳن جو ٿڪلُ آهيان,
ڪنهن شاعراڻي قبيلي جي نسل جو تسلسل آهيان.

ماضيءَ جي گهُٽيل گوڳُن جا پڙاڏا ٿا ٻُجهن مون مان,
صدين جي ڪربناڪين جو رهيل ردِعمل آهيان.

لنوائيندڙ لوڳ تون مڪمل خبردارين سان سُڻ مونکي,
پيڙهين جي پيڙائن منجهان, نچوڙيل نئون غزل آهيان.

اي نئِن تنهنجي ڪنڌي ٽيڻ لئہ تنهنجيءَ ڪنهن رمز ريبيو نہ تہ,
بانورجي پئي سگهيس تو سان جو سمونڊن جو ساحل آهيان.

عبدالغفار "تبسم"

عبدالغفار "تبسم" جي شاعريءَ ۾ "عروضي سختين" جي برعڪس نہ صرف ڪيترن همعصر شاعرن کان وڏيڪ موسيقيت ۽ صوتياتي اثر پذيري ملي ٿي, پر درد جون غير نصابي متحرڪ شڪليون

پڻ نظر اچن ٿيون. ڪو عروضي ماهر سندس موسيقيت جي سحر ۾ جڪڙجي نہ سگهي تہ سندس شاعريءَ مان عروضي نقص ڳولڻ ۾ مشغول ٿي سگهي ٿو. ڪو جديد ترين فلسفي ۽ نظرئي دان مايوس ٿي سگهي ٿو. پر سندس آرٽ جي سگهہ کان ڪير انڪاري ٿي سگهندو؟ سندس آرٽُ، سندس خيالن جي ٽيڪنڪ ۾ پنهان آهي. سندس سوچ جي جيئو ميٽريءَ ۾ تصوراتي چورس ، مستطيل ۽ ٽڪنڊي رمز و حڪمت کان ڪير نابري واري سگهندو؟ فَن جي وسعت ۾ رڳو روايتي سطح تي فصاحت، بلاغت سڀ ڪجهہ نہ هوندي آهي، پر ادائيگي دلربائي جي متحمل پڻ بڻجي پوندي آهي. ”تبسم“ وٽ سلاست آهي. جاذب نظري آهي. فڪري سطح تي سندس تخليقي زمين جي وسندين جا ڪردارَ ڏُڪايل آهن. جيڪي ضبط جي امتحان ۾ لاشعوري طور تي هار مڃين ٿا. هار جنهن ۾ جيت لڪل هوندي آهي ۽ جيت. جنهن ۾ هار لڪل هوندي آهي. اُهو سڀ ڪجهہ هن عهد جو متقاضي شعور آهي ۽ ”تبسم“، نهايت آرٽسٽڪ انداز سان شاعريءَ ۾ اهڙا سورَ سَلي ٿو. پڙهندڙ کي سندس غزل جي ڪنهن بند ۾ خيال جو سنگم ٽُٽَندي نظر اچي سگهي ٿو پر سندس شاعريءَ جي وسيع ڪيتيءَ ۾ اِهڙيون گميون پيشيون پنهنجي شدت وڃائي ويهن ٿيون. سندس شاعريءَ جي چيٽ ۾ هيڪلائن جو تحرڪ ڇا جنمي ٿو؟ اُهو سڀ ڪجهہ، سندس شاعريءَ کان پڇي سگهجي ٿو. گهڙيالَ جي سُئي کي هُو اوجاڳن جي آميزش سان تڪي فن ۾ پُوئڻ جي ڪاريگري ڄاڻي ٿو. عظمت ڪهڙي مام ۾ لڪيو ويٺي آهي؟ عشق جي ڪرامت سان اُهي راز هُو پنهنجي شاعريءَ وسيلي اُوري ٿو. اُهو ساڳيو عشق خواريءَ جي علامت هوندي بہ انساني ڪمزوريءَ جو ابدي اظهار رهيو آهي. ”تبسم“ بنيادي طور تي هڪ خوبصورت رومانوي شاعر آهي، جنهن جي افسانوي تخيل ۽ شاعراڻي طرز- ادائيگيءَ نہ صرف مختلف فنڪارن کي پئي متاثر ڪيو آهي، پر لوڪ کي هڪ الڳ درجي جي انفراديت بہ پئي بخشي آهي:

ضبط جي ڪشمڪش ۾ مون کان ڳوڙها ڳڙي پيا هوندا،
غمُ لَڪايان مان توکي سا منهنجي نيت نہ هُئي.

بي روڪ گهڙيال جي سُين سان بي وقفي جاڳان ٿو
اي عشق ڪيئن ميجيان تہ تو ۾ ڪرامت نہ هُئي.

اڻ پوريون خواهشون، انبارَ ڏک ۽ محروميون،
مون ساڻ حَسَدُ نہ ڪر جڳا! تنهنجي قسمت نہ هُئي.

همسفر! پل جان سفر ڪر، مگر سٺ ساڻ تہ هَلُ،
هيڪلائين جي تحرڪن ۾ ڪا عظمت نہ هُئي.

پنهنجي گهٽيءَ تہ ڇا ٿَرَ ڪان بہ هُنَ روڳَ ڪئي،
جَڳ-خوار "تبسُم" جي ڪيس هاڻي ضرورت نہ هئي.
عبدالغفار "تبسم"

خيالَ، سُوچون، فڪر ۽ آدرشَ جڏهن پنهنجي عهد ۾ خوشبوءِ ارپڻ جا محرڪ جنمين تہ دانشوريءَ جي جنم آستان ۽ ان جي ابلاغيت جو زمانو وجود ۾ ايندو آهي. ادب جي اِهڙي تخليقي سرسبزي قوم لاءِ ڏاهپ جا ڪارج گهڙيندي آهي. شعور عشق جي سائنس سمجهڻ ۾ معاون ثابت ٿيندو آهي. عشق، خاص طور تي نندي ڪنڌ ۾ عشق جو تصور زندگيءَ جي مام پروڙڻ جي مترادف تصور هوندو آهي. عشق ئي جذبن جي ڪٿارسس جو وڏو سبب رهيو آهي. عشق ئي تعمير نوَ جو متحمل آهي. عشق آزار مان نَون رستن ڳولڻ جو هيراڪ هوندو آهي. سماجي ٽپسا ۽ زماني جي ڳُوسن طوفانن ۾ جڏهن ماڻهو هر طرف ڪان حيران ۽ پريشان رهجي ويندو آهي تہ عشق جي ڪامليت شروع ٿيندي آهي ۽ عشق انوڪائپ جون حڪمتون ۽ رمز ۽ نياز جي سُڳنڌ سان، ماڻهوءَ جي اندر جو اڪيلو رازدان، مسيحا ۽ الڳ منطقو پٽو ڪمر بند ٻڌجي پوندو آهي. اِهڙا سڀ نظارا "تبسم" جي شاعريءَ جي زمين تي پوکيل آهن. "تبسم" جي " شاعراڻي دانشوريءَ" موجب، اِهڙي سَمي، جڏهن سُونهن جون نديون سيرابيءَ لاءِ بيتاب هجن، تڏهن حوصلي جي بي هنريءَ جو شعور ڏنگيندو آهي. ڪيفيتن جي سچي ادراڪ خاطر، هُو محبتن جي بينام مجذوبي قبول ڪري ٿو. اُها عشق جي سائنس آهي، جنهن کي هُو پنهنجي شاعراڻي مشعل سان سمجهڻ سمجهائڻ واري تناظر ۾ داخل

ڪرڻ جو آرٽ رکي ٿو:

سوچُن ۾ ڳُڙَ ڳنڍيريون، خوشبوءِ خيالَ آهن،
تنهنجي عشق جا انوکا، ڪامِلَ ڪمالَ آهن.

روز سونهن جون نديون اُڪِري، سمونڊن ۾ تران ٿو مان،
بي هُنري حوصلي کي، نينهن جا نِهالَ آهن.

محبت جي مجذوبيءَ سان بي نام ڪيفَ جاڳيا،
اڻ سونهيون منزلون ٿم، ڳامون غزال آهن.

ڌرتي يا آسمان پڻ، مُحتاجَ روشنين جا،
مون وٽ مدام تنهنجي، سونهن جا مشعال آهن.

عبدالغفار "تبسم"

سُونهن جو تصور وسيع ٿئي ٿو. سونهن فطرت جو آئينو بہ آهي تہ انساني شخصيت جي رُومانوي تسڪين جي منزل گاهہ يا پڙاءُ پڻ آهي. سُونهن ڪائنات جي هر شيءِ ۾ ائينءَ موجود آهي، جيئن آوازن مان جنم وٺندڙ موسيقي هر متحرڪ شيءِ ۾ موجود هوندي آهي. سُونهن جو تصور رواجي بہ ٿي سگهي ٿو تہ غير معمولي پڻ بڻجي پوندو آهي. سُونهن، رُومانويت توڙي شاعريءَ کي انوکا محرڪ مهيا ڪري ٿي. شاعر وٽ سُونهن جو تصور تخيلاتي هوندو آهي، جنهنڪري اُهو هڪ طرف وسيع هوندو آهي تہ ٻئي طرف سُونهن جي تصور جي اُڏار مادي وسيلن کان پڻ بي نياز بڻجي پوندي آهي. هڪ فلسفي وٽ سُونهن جو تصور فلسفياڻو هوندو آهي. "تبسم" وٽ هڪ شاعرَ جي حيثيت ۾ ، سُونهن جو تصور ڪيئَن آهي ۽ اُنهيءَ سُونهن جي آشيانن ۾ هُو رومانوي رنگ ڪيئن ڀري ٿو؟ اُنهيءَ لاءِ سندس شاعري ئي سندس سُونهن توڙي رومانويت بابت هڪ شاعراڻو نڪتہ نظر پيش ڪري ٿي:

هِنَ وِهہ جي تلخين کي جيسين بہ پي سگهياسين،
جيئڻ جا داغ ڇُهِيا، جيسين ڇُهي سگهياسين،
ڪوشش ۾ هُجبو چاڪيءَ جي ڏاند وانگي ڏِڪجي،
زندگيءَ جي جوٽَ وَهبي، جيسين وَهي سگهياسين.

عبدالغفار "تبسم"

تبسم جي شاعريءَ ۾ نہ صرف فطرت جي رعنائيءَ ۽ ڏيک ويک آهي، پر فطرت جي باريڪ بيني پڻ ساهہ کڻندي نظر اچي ٿي. ٽنهنڪري هوائون سندس همعصر آهن. گهٽائون هم رڪاب آهن. هُن وٽ فطرت ۾ زمان ۽ مڪان جو تصور عيان آهي. سندس تشبيهون سِتارن مان سُر ڳولڻ واري نزاڪت رکن ٿيون ۽ سندس نيڻن ۾ اِهڙي سَمي اڌ جاڳ اڌ خواب واري گڏيل حالت واري ڪيفيت پڌري ٿئي ٿي. اُها ئي سندس شاعراڻي جماليات آهي، جيڪا پڙهندڙ توڙي سماعت ڪرڻ واري لاءِ روحاني "خوراڪ مثل" ٿي سگهي ٿي. اُها تصوريت سندس سُونهن بابت جمالياتي موقف آهي:

هوائون همسفر منهنجي، گهٽائون هم رڪاب آهن،
سانجهيءَ واري سمئہ جا پَلَ سنيارن جا رباب آهن،
ستارن جي سُرن وانگيان، وڄن ٿيون ڌڙڪنون منهنجون،
خاموشين جو سناٽو آ، نگاهون نيم خواب آهن.
(عبدالغفار تبسم)

عبدالغفار "تبسم" وٽ ڪيفيتن جا منظر ناما آهن، جَن ۾ ڪردارن جي نفسيات جي جهلڪ آهي. سندس شاعريءَ ۾ اِهڙي نظارا گهڻي پنهنجي مُبهم اِشارن، تلميحن ۽ محاڪات جا نہ صرف لباس اُوڍي ٿي، پر ڪناين ۾ زندگيءَ جي ڳُجهہ ڪي کُولڻ جو سعيو ساري ٿي. ڪهاڻين جو داستان بڻجڻ، سماجي بيحسيءَ جو ڪنايو آهي. تخليقڪار سماجي توڙي موضوعي پَڌ جي ڳَٽ ڪن ٿا. احساسن جي باريڪ بيني جيتري شاعري اظهاري ٿي، اُوتري اظهاريت وارو سَٽُ تخليقي ادب جي ڪنهن بہ صنف ۾ نظر ڪونہ ٿو اچي. جيئنءَ هِن غزل ۾ "تبسم"، اِهڙي مُوضوعي ڳَٽ ڪري امڪاني سطح تي دل جي آتش فشان ڦاٽڻ ڏانهن اشارو ڪري ٿو. عمر جي نزاڪت ۽ وجود جي هيڏائين ۾ هُو وڃڙي ويلن کي ساري ٿو. جذبي جي اُوساريءَ تي هُو ڇڻ تہ "باهہ جو سمونڊ" اڪاري رهيو آهي. سسئي سندس شاعريءَ ۾ تلميحي معنويت ۾ آئي آهي. مرڪب لفظ آتش فشان هتي سندس ڪنايو بڻجي پوي ٿو:

ڪماڻي وڏي داستان ٿي رهي آ.
جُنونيت به آتش فشان ٿي رهي آ.

وَري آءُ وچڙيا! جو هيٺائين ۾،
عمر سخت نا مهربان ٿي رهي آ.

چئي چا ٻُڌايانءِ، هيٺيءَ حالت مان،
منهنجي مدعا خود بيان ٿي رهي آ.

اڙي ڏُونگروا! وَر سنبرجو جو منهنجي،
ڪماڻي به سَسُئيءَ سمان ٿي رهي آ.

عبدالغفار ”تبسم“

”تبسم“ وٽ رڳو موضوعي قِسم جي منظر نگاري ڪانهي، پر هُن وٽ معروضي حالتن جي عڪاسي پڻ آهي، معروضي عڪاسيءَ ڪرڻ وقت هُو لِڪل منافقتن جا پردا هٽائي ٿو. سندس شاعريءَ ۾ رڳو فرد جي داخليت ڪانهي، رڳو مُوضوعي اظهار ۽ جمالياتي حظ ڪونهي، پر خارجي سطح تي وطن، ڌرتيءَ جو آواز پڻ آهي. مالڪيءَ جي پروڙ به آهي ته ڌرتيءَ جي تقسيم خلاف مزاحمت پڻ آهي، ڪوڙي مُحسنيءَ جي پتِ وائکي ڪيل پڻ آهي ۽ پنهنجي پونءِ سان وچن به آهي. جُهونا ڳڙهه کي هُو تمثيلي ڪرافٽ لاءِ استعمال ڪري ٿو. جُهونا ڳڙهه سندس شاعراڻي ڳالهه جو اِستعارو بڻجي آيو آهي. ٻيجل جو ڪنايو چالاڪين کي پڌرو ڪري ٿو. وطن سان اِهڙي ويڌن تي ”تبسم“ جو شاعراڻو اظهار به ڪنهن پرندڙ لاوي کان گهٽ ڪونهي!

منهنجي پونءِ ورهائين، منهنجو همدرد پڻ سڏائين!
هي عجب تون محسنيءَ جا، آداب ٿو نيائين.

منهنجا پروسا ۽ منهنجي جِندُ پاڳا ڪئي تو ليڪن،
مون کي جِندُ کان پونءِ مٺي آ، متان پونءِ کي هٿ لڳائين.

ٻيجل جي ٻهروپن ۾، ماڳهين راءِ ڏياچ بدران،
جهوناڳڙهه جهورڻ لڳو آن، چو نه ٿو تون چايون پائين.

عبدالغفار ”تبسم“

کھاڻي وڏي داستان ٿي رهي آهي

انعام شيخ

ادب جي دُنيا ۾ شاعريءَ کي انهيءَ ڪري منفرد مقام حاصل آهي، جو اُها صلاحيت رکي ٿي. يعني جيڪو تصور يا سوچ نثر ۾ ڪيئي ڪاڳر ڪارا ڪرڻ کانپوءِ حاصل ٿئي، سا نظم جي هڪ سٽ ۾ڀرپور ريت سماءِ سمائجيو ٿي وڃي.

انهيءَ نفيس ۽ پرفيڪٽ ذات ۽ ڏانءَ جي حاصلات به ڪا سولي نه آهي، بلڪ معياري ۽ اُتم شاعريءَ لاءِ ضروري آهي ته سندس خالق وٽ مطالعي، مُشاهدي، تجربي، وجدان، احساس، تجزيي ۽ سماجي اُٿل پٿل تي نظر سميت اُهي سڀ گُڻ موجود هجن، جيڪي ڪيس ڪنهن مڪمل شاعر جو درجو ڏيارين. اهو ئي سبب آهي جو هڪ مثالي شاعر کي نه رڳو پنهنجين لکڻين/تخليقن بلڪ سڀاءَ، اُٿڻي ويهڻي ۽ عملي زندگيءَ ۾ به تهذيب جا اعليٰ قدر رکندڙ تخليقڪار جي روپ ۾ نظر اچڻ کپي.

اسان جو پيارو دوست ۽ سنڌ جو ناميارو شاعر عبدالغفار "تبسم" بيشڪ سيني وصفين هڪ رول ماڊل شاعر آهي. هُو نه رڳو پنهنجي شعري پورهيي جي حوالي سان سنڌ ۾ منفرد مڃتا رکي ٿو پر پنهنجي مجموعي شخصيت ۾ به سندس شاعراڻو رويو ڪاملتا کي پهتل آهي. توهان ساڻس مُلاقات ڪرڻ کانپوءِ چئي سگهو ٿا ته "مان بيشڪ هڪ اهڙي مثالي شاعر سان مليو آهيان، جيڪو پنهنجين لکڻين جو سئو فيصد سچو اولڙو آهي ۽ شاعراڻي نهٺائي، نرمي، وقار ۽ درگذر نه رڳو سندس شاعري پر طبيعت ۾ به نظر اچي ٿي.

مون کي اها خبر ناهي ته "تبسم" صاحب جي شاعريءَ جو هيءَ ڪائون مجموعو آهي، پر ان ۾ موجود شاعري پڙهي اها پڪ ٿي آهي ته سندس تخليقن ۾ موجود اعليٰ معيار تسلسل سان جاري آهي. تقريبن اڌ

صديءَ جي شعري مُسافريءَ ۾ هُن سنڌ کي جيڪي لازوال گيت، غزل، چوُسٽا، بيت، وايون، ترائيل، ٽيڙوءِ طويل آزاد نظم آڇيا ۽ ارپيا آهن، اُهي تخليقي شعور جو اعليٰ اظهار ٻڻجي اڄ بہ روح کي راحت ۽ ذهن کي تازگي بخشي رهيا آهن.

”وجود جو درياھ“ سندس شعري مجموعو حسب روايت رومانس، وڇوڙي، ميلاپ، اُميد، احتجاج، سماجي بگاڙ روشن آئيندي جي تمنا سان گڏ انهن سيني رنگن سان ڀرپور آهي، جيڪي ”تبسم“ جي خصوصي تخليقي صلاحيتن جو ڪيترن ڏهاڪن کان ٽريڊ مارڪ بڻيل آهن، سنڌي ٻوليءَ جي نسبتن گهري اُترادي لهجي کي هن گُني، تخليقڪار جنهن نرملتا ۽ نزاڪتن سان آراستہ ڪيو آهي، اهل هُنر ان علائقي جي شايد ئي ڪنهن شاعر کي حاصل ٿي هجي. نئين ديري ۾ زيتونن جي باغن مان اُٿندڙ هڳاءَ جهڙين ڪوتائن ۾ لاڙڪاڻي جي ڇڙيل سارين جهڙي لهجي ”تبسم“ جي شخصيت ۾ موجود ”پروقار اُداسي“ سان سلهاڙجي سياويڪتا جي جنهن احساساتي انډلٽ کي جنم ڏنو آهي، اُن کيس سهيوڳي دور ۾ هڪ اُستاد ۽ راهبر شاعر جو درجو ڏيئي ڇڏيو آهي. جنهن جي ڀوئواري ڪندي، خاص طور اُتر سنڌ ۾ نوجوان شاعرن، موسيقارن، ڳائڻن ۾ ڪلاڪارن جي هڪ پوري ٿهي نسري چُڪي آهي.

فن، ڀورهيي ۽ تخليق جي سونهري ڪرڻن سان سينگاريل هن سيربين ۾ مختلف ڪيفيتن کي بيان ڪرڻ جو ڏانءَ جا بجا نظر ايندو جنهن جي هڪڙي جهلڪ هيءَ بہ آهي:

توکي چاهيان ٿو معتبر آهيان،
ديد ۾ آهين، ديده ور آهيان،
گردش ايام ۾ گڏيا آهيون،
ورنہ اولھہ تون، مان اتر آهيان!

”وجود جي درياھ“ ۾ موجود مختلف صنفن تي ٻڌل شعرن جي تشريح ڪرڻ کي اجايو سمجهندي، مان پڙهندڙن توڙي نقادن کي فقط اها گذارش ڪندس تہ اُهي اڪثر شعرن جي نُدرت، اصلوڪيت

(originality) ۽ مقصديت تي نظر وجهندي هڪ ڀرپور جائزو وٺن ۽ ڪٿ ڪن تہ اهڙي گهڻ۔ رُخي ۽ بامقصد شاعري هاڻي سنڌ ۾ بچي ڪيتري آهي. جيڪڏهن تفصيل ۾ وڃبو تہ:

بي روڪ گهڙيل جي سُين سان بنا وقفي جاڳان ٿو
اي عشق ڪيئن مڃان تہ تو ۾ ڪرامت نہ هُئي.

۽

سوچن ۾ ڳُڙ گهنڊيريون، خوشبوءِ خيال آهن،
تُنهنجي عشق جا ڪامل ڪمال آهن.

سميت هڪ هڪ شعر ڪيئن ڪاڳر طلبي ٿو تنهنڪري اها ذميواري اهل دانش جي سُپرد ڪيان ٿو ۽ هن تخليقي ڳُٽڪي تي "تبسم" کي مُبارڪون آڇيندي، سندس ڪن ۾ سُرپاٽ ضرور ڪندس تہ: "بيشڪ، ڪماڻي وڏي داستان ٿي رهي آهي...!!"

18اپريل 2023ع۔

پنهنجي پاران:

پلئہ پايو سَچُ آچيندي لڄ مران
(شاھ)

ع.غ تبسم

هُو جو ٻارُ جنهن بہ ڌرتيءَ تي جنم ورتي پهريون پيرو اکيون کوليون تہ هُو ڄمڻ واري کي ڄاڻ ناهي تہ هُو ڪره ارض، هن وشال ڪائنات جي ڪهڙيءَ سلطنت جي ڪهڙي حصي ۾ حصي جي ڪهڙيءَ ڳُنڍ ۾ هُن اکيون کوليون آهن، هن کي اها ڪا بہ پيشگي يا آگاهي ناهي تہ هُن امن اهنسا واري ڌرتيءَ تي اک پٽي آهي يا فرعونن، شدادن، نازين منگولن، ترخانن، تاتارين، طالبانن جي ٿامي جيان تتل هنج ۾ جنم ورتو آهي، نووارد، نومولود کي نہ ڄاڻ آهي نہ ئي سندس اختيار ۾ آهي تہ هو ڪنهن سفاڪيت، بربريت واري گوشي ۾ پيدا ٿئي يا ڪيس منشا موجب ويٽيڪن (Vatican) سٽيءَ ۾ پيدا ٿيڻ کپي ها.

مقصد اهو تہ جيسين ڪي صوفي، سالڪ، فيلسوف يا سائنسدان، شايد سندس خواهشن پٽاندر ڄمڻ، جيئڻ ۽ مرڻ جي اختيارن جو مستقبل ۾ شايد تعين ڪن، الائي نہ بہ ڪن. ستين دنيا جي سج، چنڊ، انساني ارتقائن، زمينن، آسمانن جي مدارن، گردشن، حصارن، ڪششِ ثقل جي اسرارن جي اڳيرائيءَ تي رَسي يا نہ رسي، تيسين ارتقا جي روزِ اول کان روزِ ازل، فنا ۽ بقا جي مامُن، پَروڙڻ تائين رسي سگهي ٿو يا انهن ڪوجنائن جي معمن ۾ رهندي هليو ٿو وڃي، يا ڪائناتن جي سيني ڳُجهن جون ڳُجهارتون پيچي ٿو وٺي يا مطلق العنان جي پرولين کي سولو ڪري سمجهي سگهي، تيسين تہ هُو طئي ٿيل رُخن روايتن آڏر زمان حال ۾ اهو بہ قطعي طئي نہ ڪري سگهندو تہ ميت کي صحيفن موجب الائي ڳُجهن، سِرٽين حوالي ڪرڻو آهي، الائي ارٿين کي شمشان گهاٽن تائين رَسائي

ڪين ساڙڻو آهي يا بوتن مان روحن پڇاڻا انهن بي ساهن جسمن کي، وهنجاري سهنجاري، ڪافور عطر ۽ عنبير هڻي، سنَدِ يافتن هٿان غسل ڏياري، سرير کي سامين ۾ ٿي پورڻ وارو عمل سيني کان اُتاهون آهي.

مهذب معاشرن انسانن جي مهذب پٽي کي موجوده بي راهہ روين، ڪجَ روَشُن، ڪُريتن، ڇڙواڳين ۾ سرڪشين، جائز ناجائز جي وچ واري وار جيتريءَ سنهڙيءَ وٿيءَ کي يا سرَٽ تي ڇُيندڙ ان اک جي وارَ کي ڇيندڙ ئي ڇڏي ڏجي يا ان ضميريءَ بي ضميريءَ واري خلش، چڱائين لڱائين جي احساسن سان هاڻي نئين سر تجديدِ نو ڪجي يا ايئن ئي ضرورتن وارن نظرين، مفاهمتن، مصلحتن کي سامهون رکي، باقي ڪائنات جي عرصي سان بي- زبانو بي ضميرو ٿي ئي گذارڻ جائز آهي.

ڪائنات واري چرخي جي هن موڙ تي، اڳتي جي نيڪ زندگين لاءِ طئي ڪرڻ جو شايد وقت اچي پڳو آهي تہ ڪنهن يومِ قيامت يا ڪن تصورن نظرين موجب تہ بگ بئنگ جي ڌماڪي تائين، اعليٰ آدرشي جياپن لاءِ (Code of conduct) کي ٻيهر طئي ڪجي يا جيئن گذري پئي ائين ئي گونگي، ٻوڙي ۽ انڌي جيان دنيا و مافيا کان باقي عرصو بي خبر ٿي رهڻو آهي، يا هن ايڪيهين صديءَ ۾ رهندڙن کي نيڪين ۽ ڀلائين واري آئندي جي گسن تي هلڻ لاءِ دنيا جي سارن رهواسين کي ضرورت جي نظرين کي پوئتي اڇلائڻ، ترڪ ڪرڻ لاءِ دنيا جي ڪل ئي قومن ادارن، عالمي قوتن کي نئين عهد نامي (Treaty) جا وچن ڪرڻا پوندا.

(اها هن وقت دنيا جي بي انت ڏتڙيل، غريب، غلام قوم جي هڪ جيئاميڙي شاعر جي خواهش آهي، ضروري ناهي تہ دنيا منهنجي چئي تي ائين ڪرڻ ضروري سمجهي.)

منهنجي عمر جو سفر، زندگيءَ جي ڪافي روپن سان گاڏڙ ماحول مان گذريو آهي. پيدائش هڪڙي ننڍڙي ٻهراڙيءَ ۾، اوسر ڪجهہ ان کان بهتر ٻهراڙيءَ ۾، جتي اوائل جي تعليم نئون ديري جي پرائمري اسڪول کان وٺي ڪجهہ عرصو گڙهي ياسين جو پڙهڻ، جيڪو نئين ديرو کان ڪجهہ بهتر ڳوٺ هيو پوءِ وري لاڙڪاڻو ڦليلي ڪاليج ۽ پبلڪ اسڪول حيدرآباد جو عرصو شامل رهيو. ان ڪري منهنجي شاعريءَ تي

عام ۽ خاص جي زبان، لهجن ۽ ٻوليءَ جو اثر رهيو آهي.

توڙي جو منهنجي شعور سنڀالڻ کان اڳ بابا جن ميرپور مان لڏي اچي نئين ديري ويٺا هئا، بابا جن مهيني ۾ هڪ ٻه دفعا اسان ٽنهي ڀائرن کي بگيءَ تي ڳوٺ ضرور موڪليندو هئو جو اتي منهنجي ناني، پڙ ناني، نانو مامِيون، ماساتيون، پڦاٽ، ماسات، ماروٽ رهندا هئا، ۽ ان ڪري جا نِج ۽ ٺيٺ ٻوليءَ جا لفظ منهنجا مٽ مائٽ ڳالهائيندا هئا. تنهن مون کي نِج لفظن جو گهڻو حصو ڏنو ۽ ٻوليءَ سان گڏ وڏن ڪليل اڱڻن جو ماحول، پڊرن ۾ وڏا نِمن جا وڻ، انهن نمن جون ٿڌڙن ۾ ٿڌيون ڇانئون، ڪچا مٽيءَ جا گهر، مٽيءَ ليپيل ڀتيون ۽ چُلهيون، پٽرن، ڀِهرن ۽ ڪانديرن جون ڇتيون ۽ لوڙها، وِرِيُون وغيره.

ڀريل تريل ويڙها، وَيڙهن ۾ مٽن مائٽن کان سواءِ امان ۽ بابا جن جا ويجها ڪافي عزيز و اقارب ۽ انهن ورسيل ويڙهن جي ڪشادن وڏن ۽ پڊرن ۾ رتن جوتيون، نازبوءِ، نِمن، ڪنوار ٻوٽين جا ٻوٽا، گهاٽا وڻ ۽ تن وٽن هيٺان ننهڻن، آڏين مانجهين جو نانيءَ ۽ ناني جو خاص ڪري چلم ڇڪڻ ۽ انهن جي ٽوپين جا چرڪندڙ ٽاندا، ۽ حُقن جي هيٺين ڏڙ ۾ ڇڪجڻ سان پيل پاڻيءَ جي گُڙڪڻ جا آواز ۽ منظر، اڄ ٻه منهنجين سوچن ۽ ساهن جي بلڪل ويجهو رهندا آهن.

آڏين تائين ڪچيءَ ۽ ليپيل چلهن تي چوڏاري ويهي ڀانت ڀانت جا قصا، ويڙهن ۾ رهندڙ مائٽن جي ٻارڙن جي طوهرن جي ٿئين ۽ ويائن جي شادين مُرادين، ڏاجن ڏيوٽن جون ڳٽيون، ٻنيون ٻارا انهن سان سلهاڙيل ڳالهيون، اُن ٻرندڙ ٻنڊين جي سيڪن ۾ طئي ٿينديون هيون.

تنهن ڪري اهو ماحول اهي ٻوليون ٻوليءَ جا ڪافي نِج لفظ انهن اباڻن جا، استادن جا، تحفا ڀائيندو آهيان.

اڄ جو اسين، اسان جو اڪثر نسل، تعليم تربيت ۽ علم کان ڏور ٿيندو ٿو وڃي، ان لاعلميت، غفلت يا ڄاڻي واڻي جي لاتار، اڄ جي ايڪيهين صديءَ ۾ سراسريءَ طور ڏاهپ، فڪر، فهم ۽ لياقت کان پري ڪٽي وڃي رهي آهي ۽ ان ڪري اجتماعي طور اسين تهذيبي، ثقافتي، سماجي يا خود پنهنجي وجود جي حصارن کان نڪري، گهٽي ڀاڳي

ڇسائپ، وائڙائپ ۽ سطحي ڏيکائن کي پنهنجو نصب العين بڻايو آهي، ۽ زندگيءَ وارن احترامن کان، مهذب پڻي جي ريتن رسمن، اخلاقي قدرن، جي ڏينهن رات مخالف سمت ۾ سفر ڪرڻ لڳا آهيون. جيڪو اسان جي اجتماعي سچائپ کي خطرناڪ حد تائين ڏکي رهيو آهي، ۽ اها بي راهه روي، پنهنجي ٻولي، پنهنجي ادب کان پڻ اسان کي گهڻو ڏور ڪٽي ويندي. منهنجي آخري وصيت ۽ تاڪيدگي اها هوندي ته ڪنهن به دور ۾ انساني وجود جي سونهن، عظمت ۽ امتيازي حيثيت صرف ئي صرف پنهنجي انهن اعليٰ قدرن، مهذب پڻي، انسانيت ۾ آهي. ۽ انهن قيمتي ورثن جي سنڀال کان سواءِ دنيا جي قومن سان، ڪلهو ڪلهي سان ملائي علم پرائجي، ان کان سواءِ ڪائي ٻي واٽ آهي ئي ڪونه. ۽ اول و آخر سچائين ۽ ثابت قدمين لاءِ انساني معراج جو وسيلو هڪ علم ئي آهي.

پنهنجين بي راهه روين مقصدن کان ٽِڙي اودانهين غارن ۾ ٻَٽڪي گُم ٿيڻ کان اڳ ئي خبردار ڪندي، ڀٽائي رح ٽي سئو سال اڳ هيئنئن چيو هو ته:

وِهڻ ويهڻ وٽ، جي سِکين ته سُکهو ٿِيين،
اڳين عادت مَٽِ، ته اگها عاجِز نه ٿِيين.
(شاهه)

هيءَ دنيا جا گهڻي ڀاڱي مافيا بڻجندي پئي وڃي، ان کان پاڻُ يا پنهنجو پلئه ڇڏائڻ ڪاڻ به برائيءَ ڀلائيءَ وارين جدولن کي سمجهڻو پوندو ۽ ان سمجهڻ لاءِ به اول و آخر علم جي ضرورت پوندي رهندي.

اڳئين ڪتاب" پترڻ جون پڪارون " کان " وجود جي درياهه " وچ ۾ گهڻو وقت لڳو هن ڪتاب جي ڇپجي پڌري ٿيڻ تائين مون کي گهڻي وٿي لڳي، مون سمجهيو هو ته نوڪريءَ کان فارغ ٿيڻ بعد باقي ڄمار ان شاعريءَ، جنهن کي مان رياضت ۽ عبادت جيان سمجهيو آهي، تنهن ۾ ئي گذر ٿي عبد جي سفر تي اسهبو پر ايئن نه ٿيو ۽ ڇاڻ پيم ته ڇڻ ڪل خفا ئي زندگيءَ جي انهيءَ حصي (رٽائر مينٽ لاءِ) رهيل هجن ٿا. ان ڪري سورنهن ڪتابن بعد سترهين ڪتاب: "وجود جو درياهه" تائين هڪ وڏو عرصو لڳم. شايد وجود جي تخليق واري نچوڙ کي هيڪانديءَ

اپڻار لاءِ اهو عرصو ڪپندو هوم.

هن ڪتاب جي تخليق واري مرحلي کان اوهان جي هٿن تائين رسائڻ لاءِ مون کي منهنجا سنڌ جا سيئي نوجوان، ساڃاهہ وند ساٿي ساڻ نہ هجن ها تہ شايد هي ڪتاب بہ اوهان تائين نہ پهچي ها. اهو ان ڪري جو ڪيترن ئي سالن کان تخليق جو سفر ڪاغذ ۽ قلم کان نڪري دنيا جي نئين ٽيڪنالوجي موبائيل فون تي منتقل ٿيو آهي.

پر جڏهن سهيڙ ۽ ترتيب ڏيڻ جو مرحلو آيو تہ مون لاءِ فون کان اهو ڪم وٺڻ تہ ڏکيو پر موبائيل کان ڪجهہ اوڳاڇڻ وارو هنر يا ترقيب بہ بنهہ اوپري هئي ۽ ان وقت سنڌ جو ساڃاهہ وند ساٿي، منهنجو ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو ۽ فون مان منهنجي ڏيٽا حاصل ڪري، مون تائين رسائي ويئي، هن اهم رسد ڪري مان سنڌ جي هر جوان ۽ ساڃاهہ وند جو ٿورائتو آهيان ۽ رهندس.

پنهنجي عزيز ساٿيءَ سائين عبيد ڪٿپر ۽ پنهنجي مرتضيٰ لغاريءَ جن جا پڻ احسان، نہ تہ انهن ٻنهي بنا هي آخري مرحلو مون اڪيلي کان شايد ڪڏهن بہ طئي نہ ٿي سگهي ها.

مان سنڌ جي ساري ساڃاهہ، سنڌ جي شعور ۽ سٽ جو سدائين احسان مند رهندس، جنهن منهنجي هر تخليق کي قبوليت جو درجو ڏيئي، منهنجي اڌ صديءَ کان بہ مٿي جي تخليقي سفر کي هن وجود جي درياهہ تائين چشمين چائي رکيو.

جڏهن ڪنهن اسان جي شاعر ڪٿي ايئن لکيو تہ:

سنڌ ڪيو جيئن تو آ مون سان، ڪوئي ڪين ڪري،
ساري عمر ڏنا مون موتي توکي هڪ ٻري،

مان اها سٽن لکڻ بدران پنهنجي پوري ايمان سان ايئن لکندس تہ:

اي سنڌ ۽ سنڌ واسيو منهنجو پوئين پساهہ تائين واڙ واڙ اوهان جو احسان مند رهندو.

15جون2023 ع
(ٽيڪساس هيوسٽن)

شاعري

عمر جي ڄاڳَ تو ڏويان، اوجاڳن جو ٿَڪلُ آهيان،
ڪنهن شاعراڻي قبيلي جي نسل جو تسلسل آهيان.

ماضيءَ جي گهُٽيل ڪُوڪُن جا پڙاڏا تا ٻُجهن مون مان،
صدين جي ڪربناڪين جو رهيل ردِعمل آهيان.

لنوائيندڙ لوڪَ تون مڪمل خبردارين سان سُڻ مونکي،
پيڙهين جي پيڙائن منجهان، نچوڙيل نئون غزل آهيان.

اي نئِن تنهنجي ڪنڌي ٿيڻ لئہ تنهنجيءَ ڪنهن رمز ريبيو نہ تہ،
ٻانورجي پئي سگهيس تو سان جو سمونڊن جو ساحل آهيان.

او ماڻهئا! شرم ڪر مٽيءَ جي پَوترتا لڄائين ٿو.
تنهنجي مان لاڪ لاهيان پر ڪٿي خود پڻ ڪٿل آهيان.

آئون ڪہ ڄاڻان ڪا مينهن ڪڪري ڪڏهن مون تي وُٺي ۽ پوءِ،
اهڙا نينهن پَلرُ پلٽيا جو مان جَل ٿلَ جالاريل آهيان.

ڪويل هان، ڪانگ هان، ڇاهيان؟ سو خود بہ ڪين ٿو ڄاڻان. روهيءَ تان گذرندڙ وڳرڻ ڇئو ڪمڙو نسل آهيان!؟

لنوائيندڙ لوڳ! تون پورين خبردارين سان ٻڌ مون کي، مان پيڙهين جي. پيڙائن مان نچوڙيل عرقِ گُل آهيان.

منهنجي مرشد سَسُئي، سهڻي، موکي، مارئيءَ جي ڪشتن کي اهڙي الهام سان اُپٽيو ويسورن ۾ وَرتل آهيان.

❊

هُن کي شڪ هو تہ سندس درد ۾ راحت نہ هُئي
منهنجي مجبوري، مون کي آهہ جي عادت نہ هُئي

ڪنهن اُجڙي ويل کي چَمَن رهندو رنجائيندي چيو
”چو رونقن ۾ تنهنجي هيلَ شراڪت نہ هُئي“

ضبط جي ڪشمڪش ۾ مون ڪان ڳوڙها ڳڙي پيا هوندا،
غمُ لڪايان مان توکي سا منهنجي نيت، نہ هُئي

روئان، جاڳان يا لُڇان، ڪُل ڇمارَ ڪيئن بہ ڪٽيان،
پنهنجي اِملاڪَ پئي خرچيم، ڪنهنجي ملڪيت نہ هئي

بي روڪ گهڙيال جي سُين سان بي وقفي جاڳان ٿو
اي عشق ڪيئن مڃيان تہ تو ۾ ڪرامت نہ هُئي

اڻ پوريون خواهشون، انبارَ ڏک ۽ محروميون،
مون ساڻ حَسَدُ نہ ڪر جڳ! تنهنجي قسمت نہ هُئي

همسفر! پل جان سفر ڪر، مگر ست ساڻ تہ هَلُ،
هيڪلائين جي تحرڪن ۾ ڪا عظمت نہ هُئي.

هينئر تہ ڪنهن بہ سفر جو سُٽي ڪنبي ٿيون پوَنِ،
اڳ تہ هن وکن تي ڪڏهن ايتري دهشت نہ هئي.

پنهنجي گهٽيءَ تہ چا تَرَ ڪان بہ هُنَ روڪ ڪئي،
جَڳَ-خوار "تبسُم" جي ڪيس هاڻي ضرورت نہ هئي.

❊

اي خدا! تو هِڪَ فنا کي ڪيڏو ابدُ اربيو هو
روز خلقون سمنڊ سُرڪن، روز سمنڊ ساڳيو هو.

ٻي طرف ٻي فنا، جا هر دم بقا پٺيءَ طلبي،
تنهن کي جهٽ جي هستي ڏني ڇو نيستيءَ سان واڳيو هو.

سو پوءِ ٻہ تنهنجو مجرم، پوءِ ٻہ تنهنجو مياري،
جنهن اڻ گهُريو جياپو جوکَنِ سان جهاڳيو هو.

آدم کي دم ڏئي ”تبسُمَ“! دَمَ منجهہ ڇو دم وٺين ٿو
مان ڪيئن چوان اَبدُ تو ڇو عدم سان واڳيو هو.



سوچُن ۾ ڳُتڙ ڳنديريون، خوشبوءِ خيالَ آهن،
تنهنجي عشق جا انوكا، كامِلَ كمالَ آهن.

روز سونهن جون نديون اُكِري، سمونڊن ۾ تران ٿو مان،
بي هُنري حوصلي كي، نينهن جا نِهالَ آهن.

محبت جي مجذوبيءَ سان بي نام كيفَ جاڳيا،
اڻ سونهيون منزلون ٿم، گامون غزال آهن.

ذرتي يا آسمان پڻ، مُحتاجَ روشنين جا،
مون وٽ مدام تنهنجي، سونهن جا مشعال آهن.

بعضي ٻئي بَدَنَ شَرابي، بعضي ٻئي شراب خانا،
كنهن ازل جي تاس وارا هي عجب گلالَ آهن.

جلون ڄي جَلَ پريءَ جي جادوءَ جي كاك جوڙي،
منهنجا ٻہ اِسمِ اعظم ساڻ سنگ بحال آهن.

ڏِنِ رينَ ٻَينَ تنهنجا ٻٽيا چَينَ عاشقيءَ جا،
دنيا كان معتبر هان، سرشارَ حَالَ آهن.

”تبسُم“ جي تونگرين كي، ويتر تو سونهن بخشي،
تنهنجو سُنهُن منهنجا خزانا، جَڳَ كان وشال آهن.

❋

کماڻي وڏي داستان ٿي رهي آ.
جُنونيت بہ آتش فشان ٿي رهي آ.

نَظرَ جي، اوهان جي ۽ دل جي ڦڏي ۾،
فنا هيءَ سچي منهنجي جان ٿي رهي آ.

وَري آءُ وچڙيا! جو هيڻائين ۾،
عمر سخت نامهربان ٿي رهي آ.

چئي چا ٻُڏاياڻ، هيڻيءَ خالت مان،
منهنجي مدعا خود بيان ٿي رهي آ.

اڙي ڏُونگروا وَرِ سنبرجو جو منهنجي،
کماڻي بہ سُئيءَ سمان ٿي رهي آ.

مان توڏي مُهَرَّ کيئن ڪڏي ٿو سگهان من!
خطا جا بہ ٿئي پئي، مون کان ٿي رهي آ.



توکي چاهيان ٿو معتبر آهيان.
ديد ۾ آهين ديده ور آهيان.

منهنجا محور! مان تنهنجو چوپاسو
تون چندرما، مان اُپ نگر آهيان.

موجزن ٻئي ڇڙا آهيون ليڪن،
فرق، تون سمنڊ، مان ڪپر آهيان.

فقط نئين گهر شماري تي آهي،
اي طوفان! خيال، جهُونو گهر آهيان.

گردشِ آيام ۾ گڏيا آهيون،
ورنہ اولهہ تون، مان اُتر آهيان.

ڪيئن هم قدم هُئڻ جي هام هڻئون،
تون بہ منزل، مان در سفر آهيان.

هن "تبسم" تي پڻ نهار ڪجو
اي حسن! آڏو سجده گر آهيان.



ڪماڻي وڏي داستان ٿي رهي آ.
وجودن ۾ وحشت جوان ٿي رهي آ.

تون آدم! اڪين ٿي مگر تنهنجي آدم_
وٽان آدميت، بي نشان ٿي رهي آ.

زمينن، ستن آسمانن جا مالڪ،
گمان ٿم، دنيا بدگمانُ ٿي رهي آ.

تنهنجي بہ خبر ناهي خوش آهين يا پڻ،
جهان سازي توتي گران ٿي رهي آ.

نسل جو انهيءَ ڏي توجہ ئي ناهي،
حياتي سڦل يا زيان ٿي رهي آ.

سندس دورانو ئي اهو هو يا دنيا،
بي گُندرائين سان خزان ٿي رهي آ.

هيءَ ٻڪندڙ دنيا هاڻي تڪجي رڙهي ٿي.
جهوني منطقن ڏانهن روان ٿي رهي آ.

خطائي ٿيا موذن ۽ رهزن نمازي،
هي ڪائنات آتش فشان ٿي رهي آ.

معلمن جي مُسلح جَٿَنِ مان لڳو چڻ،
خدا جي گهرن تي هلان ٿي رهي آ.

سفاڪ ۽ ڪل وقتي قاتل پچن ٿا،
لهوءَ واري بارش ڪٽان ٿي رهي آ.



منهنجي ڀونءِ ورهائين، منهنجو همدرد پڻ سڏائين!
هي عجب تون محسنيءَ جا، آداب ٿو نڀائين.

منهنجا ڀروسا ۽ منهنجي جِندُ ڀاڱا ڪئي تو ليڪن،
مون کي جِندُ کان ڀونءِ مٿي آ، متان ڀونءِ کي هٿ لڳائين.

بي پناھہ محبتن ۾ منهنجين غير مشروطين سان،
شطرنج جا مُهرا ڪيڏي، نيون چالون ٿو تون چلائين.

ٻيجل جي ٻهروپن ۾، ماڳهين راءِ ڏياچ بدران،
جهوناڳڙھہ جهورڻ لڳو آن، ڇو نہ ٿو تون ڇايون پائين.

جن قاتلن جي گهرَ ۾، منهنجي قوم جي لَهُوءَ جا،
پيرا پڇي ڪڻن ٿا، تون انهن سان پيچ پائين.

ساٿي ڏٿي هوندي تو گڏجندي ڏٿي نہ هوندي
درياهہ مزاج قومن جي تڏهن ٿو پُونءِ پيلائين.

تون مفاهمت چوين، مان سا منافقت ٿو ڪوٺيان،
تون عيارين سان مون کي منهنجي گهر مان ٿو تڙائين.

هڪ ڏينهن ※ تحرير وانگي سنڌ جا ٻہ چونڪ پربا،
هڪ ڏينهن پنيٺ تہ ٻڌبي تون جا ڄُنب ٿو جُڪائين.



※ تحرير اسڪوائر يا تحرير چوڪ مصر جي شهر قاهره جي وچ ۾ واقع آهي. 2011 ۾ مصر جي انقلاب ۾ هي چوڪ مصري صدر حسني مبارڪ جي طويل اقتدار جي خاتمي جو سبب بڻيو.

تنگين دوران ۾ بہ تہ اَوصافَ اميراڻا ٿو رکان،
شاهہُ ڪٽي ناهيان، سليقا تہ شاهاڻا ٿو رکان

حيران ٿي نسَب، منهنجي ڳسَبَ جي پڙتالَ نہ ڪر،
منهنجي سَينَ مان ئي سَمجهہُ، ڪهڙا مان پاڻا ٿو رکان.

دُنياداريءَ جي وَنڊَ ڪٽَ سان ڪيئن ڳلَ پوندءِ،
ڪيئن ڳڻيندين مان ڪيڏا جندُ ۾ ناڻا ٿو رکان.

پنهنجيءَ ٽائلس تي ڪِريل رنگ تي رنجيل هوندين،
تنهنجو ٻيو ڪهڙو غرض مان جي ڳوڙها رَتُ هاڻان ٿو رکان.

تون بي رخين جي اوڙاهن ۾ اڳي جان نہ اُجل،
جهُونيءَ عمر ۾ ٻَلَ بہ هاڻي مان جهيڻا ٿو رکان.

منهنجي ڏکَ ڏيل تي اي ڏيهہ! متان ڏرڪي پئين،
مان لڄڻَ جڳ جا، ڳُڻَ خاڪَ وهيڻا ٿو رکان.

هِن جياپي جي تونسَ، تاڻ، تگ و دو ”تبسم“،
ڪڏهن ٿڪجان ٿو تہ ٿڪَ تي تنهنجا ڦيڻا ٿو رکان.



هر هڪ وجود ۾ ڪيئي درياهَہ ٿا وهن،
ڪنهن وار وهڪرن جي ”تبسُم“ تي گيان ڏي

اندر جي شور تي ائين ورچي نہ ويهُہ تون،
ڏيرج سان موج موج جي ترنم تي ڌيان ڏي

مجيم مٽيءَ جي مجسمي جو نانءُ آ حيات،
اي شخص سنگتراش ٿيءُ، مجسم کي مانُ ڏي

قالو بليٰ جي فهم جي اثبات ٿيءُ ميان!
آدم جا ٻچڙيا دم زنيءَ جي دَمَ کي شانُ ڏي



بيداد نگرين ۾ ڦٽڪارون قيد آهن،
آزاد فضائن جون مهڪارون قيد آهن.

هر صبُوح شام اُونو اُڪلائجي وڃن جيڪر،
جي زندگيءَ جي بند ۾ ڪم ڪارون قيد آهن.

دنيا جي مقبري جون جهٽ ڪن تہ دريون ڪولج!
صاحب! منجهس پکين جون ڦِٽڪارون قيد آهن.

منهنجن اُداس نسلن جون گامون ٻُڏائن ٿيون،
ڪن رهزنين ۾ تن جون رفتارون قيد آهن.

قدرن ڪي ڪِلِ سمجهي پائمال ڪندڙ دنيا!
تنهنجي لنڙ ۾ قدرن جون اوچنگارون قيد آهن.

منهنجي ڇانورن جي ديس تان، آرهَڙ نہ ٽا ڪٽن جو
ساريون ڏڪڻ پريون هيرون، هُٻڪارون قيد آهن.

هڪ مان ڇا وڻيو جو ٻيءَ هجرت ڪي ڳر لڳايون،
اڄ تائين اُن اڳينءَ جون ڪيڪارون قيد آهن.

منهنجا هم قدم مسافر مون ڪي آڳهيءَ جو سُنهُن آ،
تنهنجي حوصلن ۾ تنهنجيون ڇوٽڪارون قيد آهن.

سي رُوحَ ٻه ٽڪجي هاٽي دنيا ڇڏڻ ٿا چاهن،
جن وٽ بي راهه رَوين تي ڪجهه خارون قيد آهن.

گهوڙا! کهڙو وطن جو رقمن تي فتوائن جون،
مفتين ۽ منصفن وٽ قير قارون قيد آهن.

هي کهڙو ديس جنهن ۾ گرجائون، گُردوارا،
سڀ دينَ، ڌَرمَ، دعائون، هيڪارون قيد آهن.

نازبوءِ يا پن چَڪيءَ جي تبسُمَ ڇا اُت تراوت،
ساهه ساهه جون جنتڙي "تبسم"، سڀ تارون قيد آهن.



اظهار ٿو چوان مان،
اسرار ٿو چئين تون.

پيغمبريءَ جي جُز کي،
مُونجهار ٿو چوين تون.

آدَمَ لئه اسمِ اعظم،
مرهم، شفا، ٺراوت،

ساهَہ جي گرم حرارت،
اُتساهُ، دَمُ عبادت،

آگهين جهڙي عنايت،
شاعري شعوري قوت،

اوجاڳي ڪاڻ اُجرت،
محروم اهڙي نعمت،

چو بارُ ٿو چئين تون،
مونجهارُ ٿو چئين تون.



نئون سالُ

سوچيان ٿو نئين سالَ جي ڪيئن هيل آجيان ڪيان،
خوشين جا ڳيچ ڳايان يا مان سنڌ جا نوحا چوان.

هڪ دل جو زورُ جهومجي، نئين سال جو جشن ڪجي،
ٻئي دل، جا سڏڪا پئي سُٽي، سا چئي تہ ڪيئن نچان ڪڏان.

جنهن ديس جي گهڻين منجهان، غلاميون سنگ ٿي ڦٿن،
جنهن ڀونءِ ۾ ٻُڪن وچان، ستيون وڪامندي ڏسان.

هِڪُ پيرُ رسم جي ڪري، ڀيو سنڌ ڪي ڏيان ۾ ڏري،
هڪ پيرُ جهُمرِ لئہ ڪڃي، ٻئي ساڻ ڪُرڙيون ٿو هڻان.



سچل سرمست

دائم درازي تنهنجي عظمت جو آستانو
وجدنِ ۾ رهندو وِهسِي، رچي مَنَ جو رقص خانو.

آدم جو سِرُ الاهي، دَمَ ۾ ئي دَمَ جو واهي،
اهڙي سچَ جا داعي، جائي، تنهنجو فِڪرُ فلسفاڻو

مون منجهان ڪٿان هو ماڻڪُ، ڀِڪي ڀُون ٿو ڀولي،
پنهنجي جندُ پتوڙيان، ووڙيان، آگي جو آشيانو.

گيڙوءَ رَتا غُمازي، پنهنجي عشق جا نمازي،
مسجود جن جو محڪم، جن جو ماڳُ معرفانو.

دنيا جون برگزيده ھيون بہ ڪوڙ بارگاھون،
تنهنجي خود شناسين جو يڪتا سبق يگانو.

تون دُوئيءَ جي دوراني ۾، وحدت الوجود وارا،
اهڙا قولَ ويهي اُپٽيا، داناءُ بہ ٿيو ديوانو.

عِجز و نياز ساڻ، گڏ معرفت جا بيت، وايون،
سهسين سُنگ بڻائي صوفي، رائي رقص ڪَنِ رِندانو.

جند جا ويراڳ جهاڳي، جي تنهنجا ڏُهاڳ ڏورن،
تِن جي منزلن جا مارڳ، تنهنجي خِرد جو خزانو.

نانِڪَ جو آشِرم پڙ، گرجا مسيتون سڏِجي،
سرمست جي صحن ڪي، ڇا ڇا ٿو چوي زمانو.

"تبسُمَ" قدم قدم تي وَاسينگ وِيا وڪوڙي،
او سَچُوا سموري سنڌڙي، ڦهري قصاب خانو.

❊

ڏُولهہ! تنهنجن درازن ۾ واحد جا راز پيوستہ،
جيئين غيبي گڦائن ۾ گجن آواز پيوستہ.

آسروند ڇا سوچيون آيا، مرادون ڇا پائي موٽيا!
سي خود فُقراءَ ٿا ڄاڻن، پنهنجا اَعجاز پيوستہ.

هي منصُوريءَ نہ ڪو سُوريءَ جي تقصيرن جا تَتَ ڄاڻن،
تو تن منجھ پڙ اناالحق جا تنبيا انداز پيوستہ.

ٻارهوئي غيبي گونجارون، تو وٽ توحيد جون تارون،
ليڪن سي ڪوهہ سڻن جن جي رَڳنُ ۾ رَوَاز پيوستہ.

ڏُوئيءَ ڪي ڏَتِ ڪري، قلبن ۾ واحد ڪيئن ٿو وهارين،
رمزن سان ڪئين ٿو ڪُفرن ۾ ڪرين امتيازَ پيوستہ.

وِردن ڪاڻ وقت جون تن ڪي نہ اهتمامن جون محتاجيون،
تنهنجن صوفين سان جو سچو سُرود ۾ ز پيوستہ.



جن کي نينهنَ نِڪاريو، جِن کي ڪُورين جيڏي ڪاَمَ
سي سَپُ ٻهڪي ٻولن ٻيئا، وجدن ۾ وَريامَ
سيتائن جا سُنگ سجائن، گول ڦِرن گُلفامَ
گيڙوءَ ورنا گائِڪَ پائن، گهُمتاڙين سان گامَ
ويراڳين جي واهَتَ جن وٽ وَڍِيَلن جا وسرامَ
حق جي مَسِلڪَ وارو سُورَجُ، برحق بڪجي بامَ
ڏُوئيءَ جي چوغن بدران جن وٽ، ايڪتا جا احرامَ
خود عاشق پڻ، خود ئي مَحوَرَ ڪير نہ ڪنهنجا غلامَ
دل منجهہ ڪعبو، دِل منجهہِ مندر، خام هي رامَ شيامَ
منجهہ ئي منجهہ آڳي جا مسڳنَ، آدم پاڻ اِمامَ
عشق تي ڪهڙي شرعِ ڙي قاضي! ڇا جا ڪُوڙَ ڪِمامَ
سارا بحث سهيڙي سڄُوءَ، آکيا اِيِ آحِڪامَ
جنهن دل پيتا او دل مستئون مست مُدامَ
سارا منطق سِٽَ ۾ مُڪائي، مُڪت ڪري ويو مامَ
حَدَ لا حد جا ڳُل ڳجهہ ڳولهي، هاديءَ هُوڪِي هامَ
همه اوست جي حاتف هڪيا غيبن جا تہ گودامَ
انت بحر جي اسرارن جا پُرجهايا پيغامَ



ڳوٺن جي باءِ پاسن تي،
راتين جي خاموشين ۾،
چُپ، جا سناٽا چيريون،
اڪثر ڪُتا ٿا ڀؤنڪن.

ايئن هوندو ناهي ليڪن،
خوفن ۾ سمجهبو آ،
وحشت ڀرين گهٽين مان،
شايد سُتا ٿا ڀؤنڪن.

واهيري جا سراپيل،
ساهہ جي تنوار روڪيون،
چوگرد پيا ڪنائن،
ڪاٽئون ڇِتا ٿا ڀؤنڪن.

هو اُماوسن جا عادي،
سج جي پهرين ڪنيءَ ڏي،
خارن منجهائون گهوري،
ڪوهہ ۾ ڪُتا ٿا ڀؤنڪن.

هر پاسئون اُناڙن ٿا،
سمجهان ٿو جا سِٽن ٿا،
ماندو نہ ٿيءَ مسافر!
ٻُڍَ جا ڀُتا ٿا ڀؤنڪن.



اڙي زندگي

اڙي زندگي هل،
تون هلندي هَلي هَلُ.
منهنجي گهڻگهُري،
هل تون هلندي هلي هل.
آ جيائن جا ميلا
بي نامين جا اُدِڪا
هيلوڪا پروڪا
اڄڻ وارا ڪُتڪا
پنهنجي جيءَ تان واريون
وِساريون هلي هل.
زمين و زمان جون،
دشائون اُڪاريون،
صدين جي ڏِسا ڏي،
صدين ڪي لتاڙيون،
جو آهي سو آهي،
جو ناهي ٻہ آهي،
ڏِڻَل، آڻ ڏِڻَل ماڳ، منزل ڪي تاڻي،
وِڪن ۾ فنا جي پنڌن ڪي پلاڻي،
خزائن، بهارن سان،

کلندي هلي هل،
اڙي زندگي!
هل تون هلندي هلي هل.
ڪڏهن بينَ باجي ڪنهن سَنتُور وانگي،
ڪنهن ويٽا، ڪنهن وائلن جي سمپور وانگي،
ڪنهن محفل ۾ ڪنهن وارِ ڪَماچ ڳائي،
ميدانن ٽڪاٽن ۾ پڳتيون پکيڙي،
سوڳن ۾ سرهائين سان گڏ ”تبسُم“ وٺي تون،
عابده، اُمِ ڪلثوم، گوگوش وانگي،
ڳنورَ ڏولَ، يوسف، وسائيءَ جاڻ واڪي،
حويلين، هندولن، شادين جي ڇَنن ۾،
ميلن، ٿئيٽرن، گردوارن، گهرن ۾
رُباعيون، ڪافيون، گيت، سانيٽ ڇيڙي،
الستي آوازن جا واڄٽ وڄائي،
موقعن، مجلسن، هم نشينن سان گهاري،
سهسين ساز ڪولي، خوشين کي ڪنڊيري
اويلي سَويلي بگلَ، باجا ميڙي،
ڇيڄن، شادمانن سان،
ڇُلندي هلي هل.
اڙي زندگي هل تون هلندي هلي هل.
ندين، آبشارن،
درياهن، سمونڊن،
آڏين، مانجهين جو

آنڌين موج مستين
طوفانن ۾ تاڻي
ڏُنن ۾ پڪاري
مڏرتائون ساري
تون وڃندي هلي هل.
ڪڏهن ناڪئن جي الله توهار بڻجي
انڌوڪار ۾ لوڏ للڪار بڻجي
خود پنهنجيءَ ٻيڙيءَ جي
تون آ ڳل ۾ پاڇَل
پاڻ ئي بادبان
سج يا سائبان سمجهي
ڳُنن واچوڙن کي
ڪا پتوار سمجهي
ڪلفٽن، برائيٽن،
گيلوسٽن يا مياميءَ
پٽيا، ميانمار جي ساحلن تان
پنهنجا پارَ
پنهنجيون ڏِشائون سڄي تون
پُوربَ نہ تہ
پڇم پار
هلندي هلي هل.
لڙهندي
مون کي پل جان
لهرن، لڙائن ۾ لوڙهي

سيرن منجهه ئي مون کي
سوڙهي سنگهوڙي
سزا طور
برما وارين دلدلن، يا
ڪن اُپ تار جبلن جيان ڏيک ڏيندڙ
اوقيانوس، بحرالڪاهل جي پيٽن ۾
برفن جي هيبتناڪ اُچين چوٽين ۾
پراسرار غارن جي معمن ۾ اُڇلي
تون مون کان بي پرواهه ٿي
پکين کي چوڙي
اَبد جي ترانن سان
ووءِ ووءِ کي ووڙي
جهانن کي ڪيڪاري، ڪلندي هلي هل.
اڙي زندگي هل!
تون هلندي هلي هل.
تون هڪ روپ ۾
ڪنهن راجستان واريءَ
ڏنڏوڙيءَ رُوداليءَ جو تعارف لکائي
ٻئي ٻهروپ ۾
ڪرناٽڪ يا پٽيالا
گواليار جو اعليٰ سنگيت ساري
ڪنهن ماهِرَ گٽڪڪار
سمراٽ جي هوند

ڇيرين جي خوشگوار جهنڪار سان گڏ
ڪن خالي ڪُنيُن ۾
سُوئيتن جي فاقن جون بي ساهيون
آهون، اوسارا، اوساري
رڻاٽيل اکين سان روئي ۽ روئاري
طبقاتي جيون جي جوڙيندڙ ڪي
هن ڪُلِني
سماجي ناهموارين ڪي
نندينديِ پٽيندي
سينواريل نظامن جون پاڙون اُکيڙي
سمورن سرشتن نظامن ڪي ڏوڏي
جهانن تان اَنڌڪار
اُگهندي هلي هَلُ.
اڙي زندگي هل تون هلندي هلي هل.
پيڙهين کان پيڙهين تائين
خونن ۾ تر ٽيل
هن خودڪش وطن جي
حدن، سرحدن ۾
مُروج غلامين جا آداب تاٽي
نسل در نسل تعبيداريُن تي پاڙي،
مفلسين ڪي لوح و قلم جو لکيو چئي
او گُگُدام جان
گهاريندڙ زندگي تون!
متان پنهنجي ٻچڙي

جي اُرڙيءَ وڏي تپ
ڪنهن سلهہ، ايڊز مرگهيءَ
وگهي فوت ٿيل
سرد لاشي تي روئي
وسيلن لٽيندڙ پنهنجي حڪمرانن ڪي
ڪاموري يا تر جي
وڏيري، ملان ڪي
ڪافر نہ
چئين تون
جنن، جاڳرن جي بهاني تون پنهنجا
متان جوان وياءَ
پيرن پوپن وٽ پُڄائين
اڇايائين مان
متان تن جي حُجرن، حويلين يا لانڍين ۾
پُڳرن جي عيوض نياڻيون ڏِڪائين!
پنهنجي گهر جي
عصمت درين کي لڪائي
پشيمان ٿي
ڪنهن سان
متان ٻاڦ ٻولين.
متان
پنهنجي ڪڙمن ۽ قومن جون خبرون
ايجنسين جي آفيسن ۾ ڏئين تون.

متان سُرخروئين جا موقعا وڃائي
انعامن ۽ تمغن جي
رقمن کي ماڻين
متان ٺاٺي وارين
دلالين کان هَٽِري،
دروهين جيان ڪا متان ڏوڙ پائين.
تون انڌي منڊي يا
گونگي ٻوڙي بڻجي
صدين جي معذوريءَ تي مغرور بڻجي
سويرن کي ٿاري
ٻيئي ناسون ڦُنڊاري
اونداهين ۾ گهاري
پنيرڪين ڏي پنهنجيءَ
پُٺيءَ کي ڪري تون
اَنڌوڪار ڏي تيز اُڏندي هلي هل.
اڙي زندگي!
هل تون هلندي هلي هل.
ڪڏهن ڪِن سرابن
رڻن جي ڏيهہ تي
ڪنهن رَمتي جو جيئري ڳهي هيانُ ڦاڙي
وري ڪنهن لڱان
ڪِن ٻُليل قافلن جون
مُهارون
پنهنجين منزلن ڏي ورائي

ڳئي نروءِ جو ڪتي نَو لکو هارُ ٻڻجي
چنيسر جي چِتَ ۾ نئون موهه ڇڏڪي
لڏاڻي جو ڪنهن وار راڻو سڏائي،
ڪڏهن ڪاڪِ جي تڙ جي مومل چوائي،
ڪو شهباز ٻڻجي جهٽي جهرڪين کي
بگهڙن تي اُلري
ٻچن کي بچائي
تون ڇِيهن، ڇَٽُن جي ڪڏهن لات ٻڻجي
ڪڏهن وِڄُ جي دهشت سان ساسِي ڪنبائي
مينارن ڇڄرن، قبن گنبذن تان
ڏاڻن، قودنن
هربي، سُوئن گُلن تان
ٻيٽا زين، ٻيلاٽين تان سانجهيون لتاڙي
اجل ۾ ازل کان
تون بي نيازُ ٻڻجي
فريفتگين ٻري
او فريبڻ حياتي!
ڪارين ڳهنگ راتين تان رمندي هلي هل.
اڙي زندگي هل!
تون هلندي هلي هل.
اي سياڻي!
سُڪاڻي
منهنجي زندگاني!

هلي هل تہ اثبات جي ارتقائن
فنائن, بقائن جون
ساريون ڪٿائون
پنهنجن پنهنجن پاڳن جو اِدراڪُ ماڻن
تون لُرين لُڪن کان
بي پرواهہ بڻجي
تِتر, مورَ تاڙي
هنجن جان تنواري
گهٽائن يا اُڏندڙ ڪتولين مٿائون
ڪنهن شهسوار وانگي
خلائون لتاڙيون
هن هڪ زندگيءَ جي
سڄي سَگهہَ سنيالي
هل افلاڪ سان
گسندي, گهمندي هلي هل.
اڙي زندگي هل تون هلندي هلي هل.

منهنجي ڳوٺ جا هُو
منهنجا همعصر
يا ڪي
مون کان بہ جهُونا
جي پنهنجين وکن ۾ حياتيون ورانگهيون
سنيارُن جا سينن ۾
انبار سانديون

چئين، شادمانن
غمن گوندرن جا
سينن ۾ اڪيچار سڌڪن ڪي پاليون
آسُر ڏاران
گھٽين چوسولن تي ڇُرندي
موريسر ھٽين ماٽڪين ڪي ڦيرايون
ڏورين يا سڱن سان ٻڌل عينڪن جي
شيشن مان پراڻيون شناسايون تاڙي
آسيسن وچان تن جي چھرن ڪي گھوري
جھُريل جيءَ سان
يادن ۾ گم ٿي وڃن ٿا
ھن ئي ڳوٺ جي ھُن پراڻين گھٽين ۾
الائي تہ ڪيڏين مينھوڳين جي دوران
ڪيئي گپ ھٽا پنھنجا پيرا ڇڏيا ھا
ٻالڪپڻ ۾
بينچن تي ويھي يا ويھي
رسيسن يا
اسڪول جي موڪلن ۾
گھنڊن جي آوازن جا گھيرا ڇڏيا ھا
ھنن ئي چونڪن جي
نمن ۽ ٻڙن وٽ
ننڍپڻ
جوانيءَ

۽ موٽيل وهيءَ جا
هِنن ٽڙڪا سانجهيوں سويرا ڇڏيا ها
پنهنجن پتڪڙن
پيرڙن ساڻ ڊوڙي
ڇنڊڻ، واهه، چينل يا ڪئنال پاسي
وهنجڻ ڪاڻ ويندڙ
تن طرفن تي پنهنجا
ڪچڙيءَ منجهند،
ڏرتتيءَ، شام ڏاران
پيرن وارا ساڙا
۽ هن ئي ڳوٺ جي هن هوائن ۾ سڙندڙ
تن ساڙن جي سيڪن ڪي
احساس وارن
طنبيلن ۾
اڄ تائين واڙي رکيو هو
ٻڪين جي پاسن ڪان
ڊرامن، ٿيئٽرن يا لڳل سرڪسن جا
اشتهار ٽنگي
لوهي ٽوپ وارن
پڌل لائوڊن ۾
نما شام نيراني
نت ناز نخرن سان اعلان ڪندڙ
سڌن جا پڙاڏا

سي بگل ۽ سي باجا
پنهنجن دل جي خانن ۾
سوگها رکيا ها
وساميل دلين سان
هُو سوچن ٿا هاڻي
زوالن ڏي ويندڙ
هنَ جوتن جا پيهر
سندن بينائين، بي سگهائين جا واپس
اُجالا، عروج ۽ نه درمان ٿيندا
مگر زندگي
اڳتي ٿي تون اُنهن جي
دلاسن، دلجوئين
وقتي دلبرين لاءِ
ڳوڙهين آڻتن لاءِ ئي مصنوعي مرڪي،
تون ٽهڪي.
انهن ساڻ ٽلندي هلي هل.
اڙي زندگي!
هل تون هلندي هلي هل.



ننڍون توڏي رهيل هونديون

جهانن جي وهنوارن جا
ساري سنسار جا صاحب!
ٻڌي ۽ ريزڪيءَ واري
سچي واپار جا والي
پنهنجي تنهن
ڪُن ۽ فيڪون جي
ڪاتي واري رجسٽر تان
منهنجي ڪنڌي جي ورقن ڪان
جڏهن پنهنجي ڏيتي ليتيءَ جون
ونڊون، ضربون
ونڻ چاهين
مون ڪي
چُڪتو ڪرڻ چاهين
روينيو جي ستين فارم
واري پنهنجي رجسٽر تان
منهنجن ساهن پساهن جي
جڏهن داخلا
وارڻ چاهين
ڏاڍين باريڪبينين سان

جڏھن پنھنجا ڪنڌا پاڙين
وِڇورن جي تن ورقن تي
ڏيانن سان نھاريندين
تہ منھنجيءَ
ڳُل حياتيءَ جي
اندازاً
اڌ عمر جيڏيون
ننڍڙيون توڙي رھيل ھونديون
تو وٽ
پاڇي پيل منھنجا بہ
اٽڪل اڌ عمر جيڏا
اوجاڳا
رھت ۾ ھوندا
مناسب جي لڳئي سائين
نہ ڪا
مٽيان
پائئين جيڪر
سي مون ڪي منھنجي پورھئي جون
ننڍڙون بئلنس ۾ گهرجن.



پنهنجي حصي جا ساوڻ سيارا

هيل پڪو پهه ڪيو اٿم،
تهه پنهنجي حصي جا سارا
ساوڻ سيارا
وڪڻي
يا عالمي خيراتي ادارن کي ارپي ڇڏبا.
ڇو جو
اُهي هاڻي منهنجي ڪنهن به ڪم جا ناهن رهيا.
آزمائڻ ۽ انتظارن کاڻ
ستهٺ سال هڪ وڏو عرصو ٿئي ٿو
انسان آهيان
سندن هم جنس آهيان،
ڪو گڏهه گهوڙو تهه ڪونهيان ني!
جو مسلسل هينگندو هڻڪندو رهان،
۽ ڪو منهنجي ٻولي سمجهندو ئي نهه هجي،
بس طئي ڪيو اٿم تهه پنهنجي حصي جا
ساوڻ سان گڏ هيل سيارا
بهه ڏئي وٺي
منجهائڻ جان ڇڏائي ڇڏيان
ڇو جو
نهه پنهنجن جي من جا مير ٽا ڏوپجن

۽ نہ مٽائڻ ھنن مندن، ڦَھلن جو ڪو اثر ئي ٿئي ٿو.
سا ڳيا ئي نہ ھجا ۽ نَوَدَ
لاپرواهيون، سدا طبيعتن ۾ بود ئي بود
ھاڻي تہ بنھ بيزار
پنھنجين
اڪارت بيفائدي سمجھاڻين ڪان ئي تنگ
ايترو جو مورڳو
پاڻ ڪان ئي ورچي ٿو پوان،
ڪين چوندو بہ رھان ٿو تہ
آخر پنج ھزار سال اڳ جون پراڻيون ڪٿائون
الائي سچائيون يا ڪٿارسس ڳائي ڳائي
انھن جي عظمتن، آدر مان، مرتبا،
۽ اوڏر جون عزتون ڪيسين وٺبيون،
رھندو انھن جو ڳيو ڳرتو بہ وڃائجي
پنھنجون ڳنَ لاٿاريون، ڪج روشون، ڪريتون،
بودلايون، ڪاهليون ڪڏھن ڇڏبيون
پيلا جي سچ ڪمائي سچ ڏئي بہ ويا
تہ اسان اھي ڪچ جا ورثا
قبيح عادتون ڪٿان پرايون!
زوالن جا ڪيڏا ورھہ وھاميا آھن!
ورھہ ڇا! پر لاپن، انفرادي اجتماعي سڏارن جا
اوسيئڙا ڪندي ڪندي
صديون بہ گذري چڪيون

ارتقائن جا عرصا بہ کي ڪروڙها سال ٽوروئي هجن ٿا،
چينين، ڪورين، فرانسيسين ٽوٽي جو بنگالين پلا!
جڳ سين ڪلها ڪلهن سان ملائڻ ۾ ڪيترو وقت لڳايو
پنهنجن عظمتن جي آثارن کي،
اسان تہ رهندو ڪاٺ هٽي، ميوزيم جا محفوظ شيشا ٽوڙي
لالچن لوين تي پاڻ دلاليون ڪري
جڳ جي بازارن ۾
وڪڻي بہ ڇڏيا تہ
نہ رهي گا بانس نہ بجي گي بانسري!
نہ ڪو اسان جو مهذب مثالي ماضي رهندو
نہ قومون زوال ۽ بربادين جا مهڻا ئي ڏينديون
پلا جڏهن قباحتن
پنهنجي پيرن تي ڪهاڙين هڻڻ جي هير وجهي ئي ناهي،
اسان جي وجودن، قلبن جا مير ڏوپٽا ئي ناهن
تہ پوءِ سڪائڻ ڪاڻ اونهارن، سيارن جا
تک تاب ڪاڏي ڪبا
تڏهن هيل پڪو پهہ ڪيو اٿم
تہ پنهنجي حصي جا سپ اونهارا، سيارا جيڪر ڪپائي،
يا ڪنهن ايڏين جهڙين خيراتي گهرن،
يا تہ جڳ مشهور
ماڳهين ڪنيي گم ڪندڙ پنهنجي ئي
ادارن کي وجودن سميت غائب ڪرڻ لاءِ ڏيئي ڇڏيان.

*

سال جي الوداعي ۾ آجيان

بابا پِٽَ
منهوڙي، ڪلاچيءَ تي ڪُڏندڙ
ويندڙ سال جا آخري سجّ سنڀالي،
هنن حاڪمن جي سفاڪين سان گڏگڏ،
اسان وارين پڻ ڪُڌين عادتن جا،
نفاقن، وياجن، گلا، ڪاهلين جا
غلامين، دلالين ۾ خوش ٿي رهڻ جون،
حسد ساڙ بغضن ڪينن نفرتن جون،
سيئي سوکڙيون سارا تحفا سنڀاري
موئن جي دڙي جي آثارن تان چڙهندڙ
نئين سال جي پهرين، سجّ کي ورائي،
ساڳين ئي تاڪيدن سان ٻيهر اسان ڏي،
امانت ڪجانءِ تون.
او سيارن اونهارن بهارن جا سورج،
صدين کان بي وقفي دشائن جا راهي
ازل کان آدمزاد جا ساکي سورج!
تواريخن جي ڪيڏن شدادن ۽ شمرن
تاتارين، منگولن، زارن، ترخانن سان،
سدائين رفاقت جا اعزاز رکندڙ

قومن جي زوالن، عروجن کان ويندي،
سندن بادشاهين جا بي ڏڙڪ باڳو
بنہ بي ريائين سان چئجانءِ توکي،
ڪٿي ڪنهن دفعي ان مسافت جي دوران،
ڪٿي ڪنهن لڳان کي پنهنجيءَ قوم جهڙا،
جي هڪ پاسي مظلوم، محڪومَ هردم،
وفادارَ محرمَ مٽيادار پُڏجن،
تہ ٻئي پاسي اُنهن منجهان ئي ڪي توکي،
ايڏين گٿرتن ۾ ڪي ٻوهي بہ ٽڪريا؟
ڇا اڳ ۾ بہ اهڙا ڪي سفاڪ گذريا،
جن بگهڙن يا ٻين جانورن وانگي پنهنجن
ڳڙمن کان ويندي قبيلن ۽ قومن جا
هڏَ ماسَ چمَ ۽ نسل پاڙ ڪاڏا،
صدين جي سفر ۾ ڪي همڙا دَروهي،
همڙا ٻهروپيا همڙا ـ سرڪس جا ٽولا ،
همڙا بي رحم همڙا قاتل لٽيرا،
تون سچ ُ چئہ اي سچ پنهنجي پوريءَ عمر ۾
ڇا اڳ ڪٿ توسان اهڙا ٻوها گذيا ها
ڇا طمعن جي آڌر مُلن، مُفتين، بي ننگن منصفن
ماڳهين، مطلبن جا نقہ فيصلا يا
مادي مقصدن لاءِ
ڪي فتوائون ـ تعزيرون اڳ بہ ڏنيون هون،
ويندڙ سال جا آخري سچَ اڳي تو
مذهبن سان همڙيون ڪي ڪئونسون ڏنيون هون،

اُنهن جون انهن جي ئي هٿرادو راڪن،
هتان بي توقيرين کي هيڏيون ٻہ ٽيون هون،
اڳي ٻہ ڪن ايڏن پدن جون دغائون،
فلاحين جي اوٽن ۾ بد حالين جون،
ڇا اڳ رياستن ايئن افزائشون ڪيون هون،
سرحدن جي نالن تي پاليل جٽن جي،
ايڏين چالبازين جا چرچا ٻڌا ها.

ها پر هاڻي پنهنجيءَ سوانح ۾ سارا
صبوح شام وارا فريبي پٽارا،
هن طاقت ورن ۽ فريبي مدارين،
جي تاجن پيٽن جا سمورا حوالا،
خدائي زمينن جي سيني سرشتن،
تي ٿهليل اڏوهين جون ساريون ڪهاڻيون،
پڙهان ٿو ڏسان ٿو سچو ڏينهن ٻڌان ٿو
تہ سڀ ٻوهہ، ٻوهي، ٻوهن جا ذريعا،
سولائين سان از خود پروڙي سگهان ٿو.

❃

خاموشيءَ جو شعور

خاموشين جي آوازن جي
ڪيڏي پُڙ پُڙ ٿئي ٿي جيڪا
صحرا، ڪوٽ، قلعن، محلن،
يا پربت پولارن ڪان وينديءَ
هيانءَ ڦاڙيندڙ اونهائين جي
پاتالن منجهه
پڻ منجهہ، رهي ٿي
هاڻوڪيءَ هن عمر جو تَوڙي
سارو عرصو سهڪي سڏڪي
سرهاڻن جا ڏر ٿو ڏوريان
راتين ڏينهن جي منٽن ۽ سيڪنڊن کي
پيو ٿو پوريان
ووڙي ووڙي پيو ٿو ووڙيان
جياپن جا ڪارڻ ڳولهي
ڏوهہ ثواب جي
ڦولهائڻ جون
آگهين، گيانن، واعظن واريون
ساريون ٽيڙيون ڦولي ڦولي
دم بدم، هن دم جو ڪارج،
پاڻ مان، ٻين مان ڳولهي ڳولهي
من جا، مڪي جا قبلا ڳولهي
نالي وارن سنت سادن ۽
جوڳين خاطر جوڳ جٽيندي

هنگلاجن جا هاڙهه گنيندي،
شانت جي ڪاڻ اشانت گذاري
مسجد مندر گردوارن جون
ٻانگون ڏيئي، گهنڊ گونجاري
ڀُٽل، توسان پرتل پيرن،
درگاهن تي جاڳر جهوٽي،
اعتڪافن جي ايڪانتن ۾،
ميلا، عُرسَ، ٻارها، ورسيون،
باسون، پوڄا پاٺ پُڄائي،
پڻ تنهنجون منشائون ڳولهيون
پوءِ بہ مورک من ويڳاٽي،
اسرارن جو انت نہ پاتو.
آئون تہ پلا هڪ ادنيٰ هئس پر
سعديءَ، روميءَ، سقراطن پڻ
ڪا سڌ ناهي، توکي ڪيئن سڃاتو
واڌو گهاٽو گهاٽو واڌو
سوچي، پوڄي، لوچي، لوڙي،
جياپي جا رڻ اُڪاري،
ڪنهن جو ٻولڙيو تي، ٻاڪاري
هنگامن مان هچ تي آخر
مان ۽ ايڪانتن ۾، مان جو
باقي ڀهرَ پُڄائڻ چاهيا
ليڪن پوءِ بہ خاموشين جي
آوازن جي پڻ پڻ ٿئي تي.



ڳتيءَ جي رَتَ ڪري پچندس

سڳنڌن سرهاڻين ويلي،
ستارن جي سيراندين ڪان،
چاندوڪين جي وڇاڻن تي،
جيئن ننڊ سارين نيڻن ۾،
خوابن جي وندر ڪارڻ،
اگر منهنجي ڳمي سمجهين،
حجابن جي حصارن ڪان،
بنهہ بي ڌڙڪ تي سانول،
ڪيڏو بہ ڏور ڀانئين تون،
صدا ڏيندين تہ مان پاڻهي،
ڳتيءَ جي رَتَ ڪري پچندس.



قلمي ڪسبياڻيون

هم نشين! سُڻُ جو سُڻائِڻُ تو گهران،
سمجهہ! ڪجهہ، سولو سمجهائڻ تو گهران،
ڪلهہ جي ور وڪڙن پريل تواريخ جا،
پنهنجيءَ وٽ آهر،
مان سچَ ۽ ڪُوڙَ جا،
مونجهارا هينئن: سولا سلجهائڻ تو گهران.
اڄ جيان ڪاذب مؤرخ، مصنفين،
ڪلهہ بہ پاڻن تي ائين لکندا هئا،
تمغن تحفن، خلعتن، تي هر ڪجي،
نوڪرين، دلالين ۽ منٽلين
عيوَضَي، اڪثر لڪارين وانگيان،
اخباري ڪالمن، قصيدن جي هٽان،
ترجمانن، ٻولڙين، ٻانگن وٽان،
صدين ڪان رٿيل صفا ساڳيا بيان،
اڳُ بہ تَواريخُون اِئين لِکِبيون هُيون،
شاهنامن يا ڪہ چچ نامن سميت،
سڀ حِجَاجِي، اَڪبري تواريخون پڙهہ.
جنگي، درٻاري، ڪتابن جا صفحا،
همعصر !
منهنجا هم قدم !

سمجهو پيا؟
ڪالھ وانگيان،
اڄ بہ تواريخي وَرَقَ،
قلمِي ڪسبياڻين هٿان، پُرجن پيا.

❊

رڳو ٿو سوچيندو وتان!

اِها به ڪل نه ٿي پوي،
ته ڇو پيو سوچيندو وتان
سفر ۾ ساڻ ڪير ها
جي ها ته ڪنھن طرف ويا
ويا ته ڇو ڇڏي هليا
۽ ائين ڇو ويا جو هو
وري ڪنهين به جاءِ تي
ڪنهين به شاهراهه يا
نه ڪنھن گهٽيءَ نه گهاٽ تي
نه ميلي نه ملاکڙي
نه گوڙ ڪنھن، نه موڙ يا
چؤاٽي، چيڪلي ڪڏهن
نه چيچڙي نه واٽ تي
نه ڪوٽ ۾ نه ڪاڪ تي
عمر جي ڪنھن به لڪ وٽان
نه جهٽ جي ڪاڻ ئي ڪٿان
جهُڙيءَ ڦڙيءَ، نه لڪ لُريءَ
دريءَ، وري، نه ڏيوڍيءَ،
نه جاري، ڳلڪڙي منجهان
خوشيءَ غميءَ جي وار تي

نہ عيد ۾ نہ ديد جي
بهاني تي مڙي ڪڏهن
نہ ڏڳ نہ ڪوڏوار تان
لڙي نہ ليئاڪيون ويا
جي ها تہ ايئن منهن مٽي
جيئڻ وارن جي دل جهٽي
ويا تہ ڪنهن طرف ويا
هراس ۾ وسامجي
هتان هُتان، جتان ڪٿان
پڇائيندو پيو وتان
هي ڪالهہ قافلي منجهان
صفا منهنجين اکين اڳيان
الائي منهنجا همسفر
الائي ڇا جي لئہ ڇڳا
ڇڳا تہ ڇو ڇڄي پيا
رُنا تہ ڇو رُسي پيا
ڇو ايئن صفا ڇڏي پيا
سدائين لاءِ ڇڏي ويا
رڳو ٿو سوچيندو وتان...

سفر ۾ ساڻ ڪير ها!؟
جي ها تہ ڪنهن طرف ويا!!؟؟



تواريخ تہ ڪنھن ڏينھن
اھو سوال ضرور پڇاريندي

ھوءَ چري، چاڳلي، لاڏلي ڇوڪري،
ڇيڪ، ڇڙواڳ، ڇا پئي ڇُلي ڇوڪري،
تنھنجي ڳُڙم ۾ قبيلي جي ناتر ھئي،
تنھن ڪري لڪ لوڏن سان لُڏي ڇوڪري.
توتي، تنھنجن ادارن تي چٽرون ڪري،
پنھنجي جھولن ۾ ڳاريون ۽ پٿر پري،
ڪيئن سرِعام ديده دليريون ڏري،
روز ڪيڏيون نہ توڪي پئي نايون ڪري،
تون سندس ناز سمجھي فڪاين منجھان،
بي وسين مان سمورن ساٿارين اڳيان،
توڙي خارن ۾ پُٽڪين ۽ ونڏڪين پيو
پوءِ چاھين ٿو اُن کي لنوائي ڇڏين،
ھُن ۽ ھُن جي سموريءَ آڪھہ سندا،
پاپ، چوريون، ڏجھا، ڏوھہ، ڏاڙا، قتل،
ھُنن جي پُل ڇٽي ھوند بخشي ڇڏين.

....

ھوءَ جا منھنجي ويڙھي جي پري ڇوڪري،
سونھن ساڃھہ ۾ سڀ ڪان ڳري ڇوڪري،
منھنجي ويڙھي ڪان وڌ سان تنھنجيءَ جوءِ جي،
جا نگھبانين لئہ وڙھي ڇوڪري،

تنهنجيون ويڙهيون وڙهي،
تنهنجيون ڪرٽيون پري،
پنهنجي ساري ڪُٽنب سان ڪڙهي چوڪري،
تنهنجي هڪ هڪ ڄٽي کي
قطارون ڪري،
ڦاسيون ڦنڌا، زهر، بم ۽ گوليون هٽي،
ڪيئن سرِعام سَٿ سان اُڏائي ڇڏيو
۽ اڄ تائين اڻ ڪيل گناهن ڪري،
منهنجن ڳوٺن منجهان روز ڳيرو ڪنيي،
لاش لوڙهيون، لتاڙيون ۽ ساڙيون وتين،

....

سو ائين ڇئجي منهنجي قبيلي جا ڳُل
معتبر، بي خبر، ڏوهي، اڻ ڏوهي سڀ،
تنهنجي کاتي پٺاندڙ گنهگار ٿيا،

تنهنجي ويڙهن، ڳوٺن وارا جملي ڄٽا،
باغي بي گندرا، پاپي، ڏوهي، اٽگهڙيا،
زاني، ظالم، فرادي، ڳنديچوڙ پڻ،
پاڪ پوتر ۽ زم زم سان وهنتل هئا.



هل هلان سان هلندڙ پيڙي

ڪڏهن ڪڏهن جون ڪاوڙيون ايڏيون
چڙ تہ
ڊسمبر جي وِلھ منجھ ڪي
اُتران ايندڙ
نرڙ چيريندڙ
تيز هوائون
بازيءَ اُن جا پنهنجائپ وارا
پيار سمايل
لفظ ۽ لهجا
ايئن چڙ!
* پئسفڪ، ائنٽلانٽڪ واريون،
اُپ سان گسندڙ
برق رفتاريءَ ۾
چوهيون ڇوليون،
مطلب
ڪنهن ڪارڻ
ڪنهن جي
پيار پرين پهنوارن وچ ۾
ڪُل عمر جي

لُڏندڙ لمندڙ
هل هلان سان هلندڙ پيرڙي
"تبسم" چاڙ ڪناري پهتي.



* پئسفڪ، ائٽلانٽڪ: دنيا جا ٻه وڏا سمنڊ

ڪائنات جي سين مائرن کان هڪ سوال؟

منهنجي ٻچڙي کي
بيگناهه
رَتَ ۾ وهنجاريندڙ!
شال تنهنجي
جگر جو ٽڪرو
وڏي ڄمار ماڻي
(گنڀير سوچيان ٿو)
ڇا؟
ڪائنات جي سينن مائرن جا
ايڏا وسيع جگر آهن!؟



امان

اي امان!
جي تون
جائي بہ ايذي ٻاجهاري
۽
رحمدل جذبي سان
خلقي وئي آهين تہ
خلقڻهار کان اِن ٻچا جي
خلش ضرور رهندي تہ
هن تنهنجو وجود
ڪهڙن انوکن عنصرن مان جوڙيو آهي؟



(هڪ بي رحميءَ جي واقعي تي ماءُ جي ڪردار کان متاثر ٿي لکيل احساس جا بہ رُخ.)

انڌا گُلر

اي ماءُ!
ڇا ھِنن کي
تو پنھنجو ڄائو ڇئين ٿي،
ھي انڌا گُلِرَ
جي توکي
ماءُ ڇئي پَٽي رھيا آھن.



اُپ ڏاريندڙ ڪوڪون، آهون ۽ دانهون

آجَلَ پڇيو:
"اڙي ميان!
ڪيئن گذاريئہ؟"
لڙڪ لاڙيندي وراڻيو مانس:
"مختصر ايئن تہ ـ
ستارن ڀري سيج تي
پورنماسيءَ جو
چوڏار
حسين خوابناڪين ۾ سُتلَ جي
دل واريءَ درگاهہ ۾
جيئن اوچتو
هزارين خودڪش بمبار گهڙي حملو ڪن
۽ پوءِ
اُپ ڏاريندڙ
ڪوڪون، آهون، دانهون گونجن،
ڳاڙهي آسمان تي
رڳو رت ريڳاريندڙ
گوشت جا فرڪندڙ ٽڪرا
بس.....



يگت سنگھ ۽ اياز

(اوپيرا)

اي سرموڙ ڪوي!
تو بعد
اڄ وري
عرصي پڄاڻان
يگت سِنگھُ
آرٽس ڪائونسل ڪراچيءَ ۾
تنھنجن باغي سنيھن سميت آيو ھو
مان تہ ڪيس يڪو تڪيم پئي
۽ پنھنجي منھن ڳڻپير تائيءَ سان
توکي ڳڌم بہ پئي،
تنھنجي اورچائپ ۽ قومي ذميواريءَ جو
تہ ڪيترو قائل آھيان،
تنھنجو ماپويا ڪاٿو ڪري،
اي ساحر ڪوتاگر
مان توکي ڪيئن ڳڌايان
بس لفظ لفظ منھنجي لونءَ ڪانداري پئي چڙھي
پر يڪو اھي بہ
پھ پچائيندو رھيس

تہ يڳت سنگهه جنهن غرض ڪاڻ
ڦاسيءَ چڙهيو ۽ تون جنهن ڪمال ذات سان
هر هر ڦاهيون ڪائيندي
پوڳيندي
پنهنجن ۾ جا بغاوت جي ۽ ايڪتا جي غيرت اوتي ويو آهين
اي ميان!
ڪا خبر، ڪا ٻڌ سُڌ بہ ٻُڌي اٿئي؟
تہ انهن تنهنجين پوڳنائن جو
تو وئي،
وچي ڇا نتيجو بيٺو آهي
اي مما ڪوي!
سٽي سگهين تہ پلا سٽي وٺ
ساڳيو ئي جيڪو ۽ جيئن تنهنجي هوندي ٿيو پئي
ڪنڊيءَ نہ سگري
ٻير نہ پلڙا
مارو اڪيلڙا
تون تڏهن بہ دردوندو
درد ۾ ٻُڏل هئين
پر لوڪ يعني تنهنجي قوم جون
تڏهن بہ اجتماعي جهمريون
هنبوشيون
توکي گهائيندڍيون رهيون
اڄ بہ هال ۾ سانت تہ هئي

پر ايئر ڪنڊيشنڊ هال مان نڪرڻ کان پوءِ
اڳتي پڳت سنگهہ جي ڦاسيءَ
۽ تنهنجي رت ٻڏل نچويل نياپي
جو ڇا بڻيو
مون کان ڪڏهن وڃائي پڇجانءَ به نہ
اي منهنجا ڪوي!
مون جيان ڪيترائي،
ڪوبہ ويساهہ
ڪا آئيندي جي پڪ پڪائي
شايد ڏياري سگهندءِ
بس اڄ جي ڪاڻ
ٻنهن لاءِ
هيڏين بي ويساهين
قومي مزاج جي بي اعتبارين جي
پيڙا جو ڪرب ڪافي آهي
اونداهو يا روشن آئيندو
ڪوئي توسان ڪيئن سلي ويهي
تون پنهنجي شاعريءَ سان گڏ
اکيون پڻ ڪنيون ويو آن.



بيت

روز مٿيءَ جون مُورتون، لحدن ۾ لٿجن،
پر جيڪي صرافن، سجاتيون سونيون ٿيون.

*

راتيان ڏينهان ڏيھ ڪي، گھلرَ پيا گھُٽين،
ماندن سندي ماڳ ڪي نِپُٽا تا نُهُندِين،
پينرُ هِن پنيور ۾، هينئن هيڏا هاجا ٿين،
او وڍيندڙا! وڍين، تہ سُڪ سنبري سنڌڙي.

*

جيئن جيئن تاڙين پنڌ ڪي، تيئن تيئن تاڙ اجان،
صاحِبَ! تو سرير ۾، جيسين ساھَ ڪٽا،
وَر وَر وات ڳنان، ورِدُ نہ ڪرِ وسرامَ جو.

*

تنھنجي تانَ ٽُٽي، ساري پَرِٿيم ساھَ ۾،
ھيءَ جا واٽ ورونھن جي، تنھن تي ماتِ مٽين،
شال مَ ساءُ ڇَٽي، پرينءَ جي پچارَ جو.



ھيل تہ عيد جي ڏينھن ئي گڏجي، پھتي گھر گھر عيدَ،
تبديليءَ جي تحت پُڳي ھينئن، ھيل جي عِيدَ سعيدَ،
جو مَسين خَلقَ خريدَ، ساريا ٺُڪر ساڳ سان.



ساڳيو ڏينھن عيد جو ساڳئي ڏينھن جي گيدَ،
ساڳَ سان ڪَنُ خريدَ، ڪيو ساري ڳوٺڙي.



پَهَرَ پَهَرَ جي پڙڇَ مٿانئون، ڳَهَرَ ڳَهَرَ جي چاپَ،
جنهن ڏانهن وکَ وجود جي، تنهنجي مَڏ نہ ماپَ،
آسُونهان سراپَ، سَولانگِن سَرِير کي.



هُو جي سوئيتن سندا، سُڏڪا منجھ سَرِيرَ،
دانهن پيا دردن منجهان، نار تِمائن نِير،
حاڪماڻيءَ هوڏ جي، پَرَ تُنهنجي ڪيازِيءَ ڪيرَ،
شل چريٽ راجا چِيرَ، صبوح پوندءِ سِيرَ سان.



سَمُوندن تي مينهن جيئن، اُٿلي آوهيرا ڪري،
سَاجَنَ! سَندءِ تيئن، پالوٽجن پرينٽيون.



ڪارا ڪارا واٽ تي، اُيا ڪاريھرَ،
ڦوڪون ھڻن ڦڻن مان ڪرڙا ڪٽي ڳرَ،
ڏنگن ھڻان ڏينھن کي، ڏاڍا ڏين ڏرَ
پر پوءِ بہ ڪين پچرَ، تبسم ڇڏي تن جي.

❁

ارڏا باغي پونءِ جا، شل جُڳ جُڳ تون جيئين،
سُپتن پريا سانورا، تونِ اويل نہ تيءُ ائين،
جهيڙڙ کان نٿو جهليانءِ، پر حڪمت جهل ھِنئين،
وقت کان اڳ مِ ويس نہ لاھج، آڳ نہ ڏسج اڪئين،
ماٽڪ مانجهي مينڌرا، مر پيو منجهہ مچين،
والي‌ءَ کي وينتيون اٿم، شل وافر تي ورچين،
سرس تون سگهہ لھين، اُلرڻ ويل انياءَ تي.

❁

جُهڙ جي ھيٺانھن ٻڌُ تان ٿنھن جي ھيٺانھون،
پئي ڪانڌَ! ڏريان آئون، ڏولائن جا ڏينھڙا.

❁

هِي جي پيالي منجهه، لڙُڪن جون لارون،
شايد پڙُ واريون، ساروڻيون سُڏڪنِ پيون.



مان جو مينهوڳيءَ ۾ روئان ٿو ويٺو
شايد جندڙيءَ جو جهروڪو جهمڪي پيو.



اڻ جهليا ازل!، ڏئي وئين ڪيڏو گهاءُ،
مون کان منهنجو ڀاءُ، ڇَپَر ۾ ڇني وئين.



(پنهنجي ڀيٽيوي مرحوم و مغفور صدر الدين قاضي صاحب جي وڇوڙي تي لکيل)

روز مٺيءَ جون مورتيون، لحدن منجھ لھن،
پر جي سنياسين، سچاتيون، سونيون ٿيون.



هي جو منهنجا سَڌَ، ورنائين ٿو ڪين ڪي،
ڪڏھن تون مان گڏَ، ڏنا ھئاسين ڏِيرتان.



سُپرينءَ جو سَوداءُ، سُڌِڪي ٿو سيراند ڪان،
او ڙي اُتر وَاءُ، گھنگھر گھاريان ڏينھڙا.



سپرين تنهنجي سڪ ۾، سڙان سارو ڏينهن،
شوقن وارو شينهن، مُڙي ڪين مجاز ڪان.



اوهان تي جو اَچي پٽِي، سُوئيتن جي سارَ
درد مندن جي سُرِي، سرس ڪيئي سنڀارَ
جَسُ هُجَيوَ جکرؤ! جڙيا هجو جَالارَ
نيٺ تہ ڪٽنديون آنڌيون، چڙهندا سِجَ چوڌارَ
جهاڳي چڙهندي سنڌڙي، اندوهن جا انبارُ
آخر ڪٽندا اَنڌ جا، "تبسم" ڏنجهه ڏُڪارَ
پنهل سندا پارَ سُتَتُ لَهنديون سُورميون.



ڳه ڄاڻان ڪِن گوندرن ڳُڏيو مٽيءَ جو چاڻو
سڀ ڏينهنَ روحُ سوئيتو منهنجو وافر ويڳاڻو
پڇندي پار پرينءَ سندا، سهڪي ٿيو ساڻو
سڌڪي ساماڻو "تبسُم" ساهُ سَرِير جو.



دوهو

مون کي تہ پنهنجي ساڄنَ اربي پنهنجي ڄَٽيءَ ڪان ياد.
توکي ڪانگا! ڪنهن لئہ ڄَمَ ڪان، فوتيءَ تائين فرياد.



چؤستا

آڳَمُ برسيو ڄِيوَنُ جَرڪيو ٻَنَ ٻَنَ آئي بَهارَ
ڪنوٽيون ڪجڪيون، پَنُ پَنُ وِهنتو جرڪِيا جَڳَ چوڌارَ
موسم مُرڪي، گُل جڳ مهڪيو ساوا ٿيا سنسارَ
آدم! مَيري من ڪي مهٽي، تون بہ ڌُوئي گرِ ڌارَ.

❁

جند مڇيم جيئري تہ هُئي، باعث نہ هئي آرام جو
بي سبب جيئڻ جون خلشون، سبب هون ڳُهرام جو
دلدلن ۾ گهڙڻ جي سَڌَ سا سراسر خبط هُئي،
ڏوهہ منهنجو خبط منهنجو نانءُ بد ڇو رامَ جو.

❁

مهڪارجي رهِيو آ، مرڪي مچي رهيو آ،
هيوسٽن ڪي اڄ ڏسي ڪو ڪيئن رَڄ رچي رهيو آ،
ڪنِوٽيون ڪلي رهيون هِن، ڳڪريون قطاريون هن،
تصور ۾ سنڌ پسان پيو منهنجو روح نچي رهيو آ.

❁

تنهنجي جيڏي وجود ۾ ڪيڏو وشال هو
ظاهر ته چٽنگ ئي نه هو ليڪن مشعال هو.
هو ڪنهن جو تسلسل هو ڪيس سابه سُڌِ نه هُئي،
اسرار بٽيل آدم، دَرَّ هو ڪ لعل هو.

❁

هي گهاءَ آسمان تي، اُلاءَ آسمان تي،
ڏرتيءَ جي پُنَ ۾ پاپَ جا پڙاءَ آسمان تي،
جيئڻ جي ناڻءَ تي ڇا وَهيو واپريو پٽي،
بي پڇج جا نه هِتِ نه ڪي پُڇاءَ آسمان تي.

❁

سپنن جي لاءِ ننڊ ڪي ليلائڻ،
توکي سوچيندي يادون ورجائڻ،
ان ڏوئيءَ جو مان ئي ڏوهي هان،
توکي پاڻ کان الڳ ڪري ڀانئڻ.

❁

رات چو؟ نہ ڄاڻان، گھٽيون گھيرَ گوڙ ياد آيا.
عمر جون گردشون، ٽِڪَ تابَ، موڙ ياد آيا،
سخت شدتن سان پوري رات پچاري پئي حياتِ،
جيڪي جن سان ڪٽيم، ڪَنَ منٿ، ڪوڙ ياد آيا.



ڪلجُڳ تي ڪُپت واري ڪوڙي قلعي چڙهي وئي،
جاڳَ ڪي ڪو اِبنِ مريم وارو مسيح گهرجي.
ڳوڙن جو ڪوڙهہ دنيا مڪروهہ ڪري ويو آ،
تو سندو واعدو رَبَا! هاڻي فصيح گهرجي.



جنهن دم جنهن جاءِ چٽنگون گڏبيون، آڳ اُٿي پوندي،
محڪومين جون ساهيون ٽڪبيون، جاڳ اُٿي پوندي،
سندرا ساهبا، ڳوڙجي "تبسمَ!" ڳل ڪمين گاهن مان،
سُورها! سوڀ جي ازخود تو مان واڳ اُٿي پوندي.



هِنَ ۽ هُنَ جڳت جو نَھَجُ ڇاهي؟
زندگيءَ، موت سندو ڳُجھ ڇاهي؟
راتِ، اُيُ، طِلسماتي سرگوشيون،
ڪُلَ! ڪجھ آکِجانءِ ڳُجھ ڇاهي؟

❊

محبتون ونڊيندو ورڇيندو وتان،
ڪلفتون جڳ مئون اُکوڙيندو وتان،
مون کي تہ جياپو سڦل ڪرڻو هو،
سنڌ گھمندو جند گھوريندو وتان.

❊

اڄ ڪير سراپا ٽي سُلطانِ ديدَ پھتا،
صوفين جي مڱانن تي، شائِقَ شهيدَ پھتا،
هي گيڙو نما گھِرا اَرِواحَ عُشاقنِ جا،
ريءَ عيد رقصان هِنِ، ڄو ساقي سَعيدَ پھتا.

❊

ميدي جان سو ڏورُ هو ڳوهجي ويو
عمر هئي ڪنهن تانگهہ ۾ رهجي وئي،
پر آمڙ، ساهن جي چاڻن ڪان ڇڄي،
ڪنهن فنا جي ڇانگَ ۾ رهجي وئي.

❋

يادن جون دلفريبيون، خوابن جا چندرما،
هاڻي تہ ڇڏ ڪٽي ستم، نہ آس ڏي اجان،
جيون ڪان، توڪان هارَ ميچيمِ موڪلايان ٿو
توکي هي جڳ مباح، مان ڏور ٿو هلان.

❋

بند نيڻن ۾ خوابَ جاڳي پيا،
مُرڪيا تنهنجي وصال جا لمحا.
ساهَ ساهَ مان سُرهاڻ ٿي مهڪي،
راتِ ارپيا، ڪمال جا لمحا.

❋

دنيا جون ساريون حُسناڪيون، رنگينيون، ڇمڇٽا تنهنجا،
ديدن ۾ دلبرين وِاريون، ولهاريون، ولولا تنهنجا،
توکي چاهڻ کان پوءِ وارن سالن، منٽن سيڪنڊن ۾،
ڪنيل ساهن جو سُنهن مون کي، سدائين سلسلا تنهنجا.

✽

ڏينهن جا دشت سڄي، شب جو سفر ٿيندو هو
درد جون غارون هيون، جن مان گذر ٿيندو هو
اي اَجَل! تنهنجي نهوڙڻ کان پوءِ ڳلَ پيئي،
سو منهنجو جيئڻ هو جت روز حشر ٿيندو هو.

✽

هِڪَ ڇَينَ جي سَڏَ مونکي، بي ڇَين ڪري ويئي،
پهرن جي ڪِلپ ناهي، دن رَينَ ڪري ويئي،
سائيڻُ سلامتين ۾ شڪَ لئہ ٿو سِڪي آقا،
سيوهڻ جي ✽سرزمين ڪيڏي بين ڪري ويئي.

✽

✽سيوهڻ جو پر ڏماڪو

هِيءَ ٻنل ٽولو پنهنجن خوفن وچان،
اڄ هيسيل قاتل جو خيري ٽو ٽئي،
سا بہ پڙ شاطِر کي آگاهي هجي،
هو پنهنجن ڳُڙمن جو ويري ٽو ٽئي.



مان دعا لئہ ٻُڪ پئي ساهيو
تو وٽ دغا پئي سرجي.
اي رَبَ! ٻنهن جي خواهش،
شل توڙ تائين پهچي.



رات اونداهيءَ ۾ ڪو ٻٽڪيو پئي،
ڇاڻ ڪائي جوت ٽمڪي جوءِ ۾،
آس وندي کي اِها ڪمڙي خبر،
باک ڏوڪو آ صبوح جي *روءِ ۾.



*روءِ: چهرو ڏنهن.

هن عمر ۾ جڏهن جو جملا وڃن ٿا وسري،
جملا ڇا مون کان اکرَ ۽ نقطا وڃن ٿا وسري،
ڀل جان ٻيا نقطا وسرن، ليڪن دُعا ڪندا،
نقطءِ وفا نہ ڀُلجان، جي ٻيا وڃن ٿا وسري



غمِ حيات ڪي ڇئجو نہ ڏي صدائون وري،
دَشت مس پار ڪري يارَ هِتِ پڳا آهيون.
او همسفر! توڪي اڳتي سَفَرُ مباحُ هجي،
اسان ڪي حوصلو ڇئي پيو اسان ٿڪا آهيون.



ضروري ناهي تہ ڪو سالَ مهينا سوچي،
ڪنهن سنگتراش جي تيشي جو ٺاهُ ڪافي آ،
جنهن شهڪار لئہ طي آ تہ سرجڻو آهي،
اُنهيءَ تخليق ڪي هَٿَ جو ڇُهاءُ ڪافي آ.



هِنَ وِهُہ جي تلخين کي جيسين بہ پي سگهياسين،
جيئڻ جا داغ ڇُهِبا، جيسين ڇُهي سگهياسين،
ڪوشش ۾ هُجبو چاڪيءَ جي ڏاند وانگي ڏُکِجي،
زندگيءَ جي جوٽ وَهبي، جيسين وَهي سگهياسين.



اڃان ڪنهن پُور جوڀن جي سڳنڌن ۾ سرهاڻين تي،
وهيءَ واري سيرانديءَ کان، نوخيزين جي ويهاڻين تي،
ڪيفن ۾ نيڻ ٻوٽينديءَ، شبابن جي سُرورن جا،
نہ موريا ها نوان سپنا، عمر پهتي پڇاڙين تي.



تنهنجي سُرن سرگمن مان، لازم ستار مهڪي،
تيورن سان، ريکبن سان، محڪم گنڌار مهڪي،
تنهنجي ڪلا سان ڳُنجيل، ماحولِ جي ڪرامت،
جنهن جاءِ ڳائين راڳي، باد و بهار مهڪي.



تواريخ واري گُونگي زبان کير تو سمجهي،
هن دَورَ جي هي ٻونگي زبان کير تو سمجهي.
مقتل جا، قتل جا ۽ مقتول جا سنڌا،
قاتل جهان، *خشوگي زبان کير تو سمجهي.



تواريخ وارا ورق کنهن بہ سُتلَ قوم کي،
بي حس عياش حاڪمن جا تحفا ڏين ٿا.
جنهن قوم جي لئہ ذاتي ۽ فردي ڪفالتون،
ترجيح ٿيون، ميسارجڻ جا حادثا ٿين ٿا.



چرخو آ زندگيءَ جو ڪرتو آ زندگيءَ جو
ڪو دلربا اٿم جو سرتو آ زندگيءَ جو
مجموعي طور لوڪو! سولو ڪري سُٽايان
ڪو اور مون ۾ مون وٽ، بوتو آ زندگيءَ جو.



*ڪمال خشوگي - سعودي عرب جو صحافي،
جو سعوديءَ جي جي ترڪي سفارتخاني ۾ جيئرو ڪٽيو ويو.

زندگي ڪا بَابُ هُئي، جا، وِردن جان پڙهي ليڪن،
ڪوڙَ پوءِ بہ زيريون زبرون، ٽُبڪا نہ پڙهڻ آيا،
سِٽَ سِٽَ ۾ ڏُومعنائون، وچڙيل هُون سُٽن وانگي،
ناقص عقل کي جنهن جا، نقطا نہ پڙهڻ آيا.



ضميرن جي سرنگهن مان، عمر جي ڪيٽ جو گذرڻ،
ائين آ جيئن نوڙيءَ جو سُئيءَ جي پيٽ مان گذرڻ،
اي خلقڻهار! خلقن جا، تہ ڪارج پاڻ ٿا سمجهو
مگر جئيندڙ جي ساهہ ساهہ جو جبل جي ڇيٽ مان گذرڻ.



جڏهن *ڪاذِبَ ڪميٽي کي، معتبر ڪرڻو هو توکي،
اي جَڳَ پروَرَا! پوءِ نيڪين ۽ بدين جا معاملا ڪهڙا،
پيشانين جي چُٽن تي ئي، جنت هُئي اَرپٽي توکي،
باقي سمجهاٽين وارا، صفحن تي سلسلا ڪهڙا.



* ڪاذب: ڪوڙو

اُچين ڪوهه قاف چوٽين تي پرستان جون پريزاديون،
ستارن جا وڳا پهري، چانڊوڪين ساڻ وهنجن ٿيون،
سانجهين جي سُرميداٽين مان، قرارن ڪيف سان اکيون،
سوائي پوءِ بہ سونهن تنهنجي، تنهنجيون سينن مٿان سرسيون.



ڪينجهر، منڇر، سنڌوءَ جيڏين، سوچن سان گڏ ڪوي جيڪر،
ائٽلانٽڪ، پئسفڪ، دجلي ڪناري پڻ اُڏي جيڪر،
ڪائنات جي وسعتن جيڏا، خيالن ۾ ڪشف آڻي،
جهانن جا غمَ بہ ڇاڻئون، جهانن ۾ ٻُڏي جيڪر.



هوائون همسفر منهنجي، گهٽائون هم رڪاب آهن،
سانجهيءَ واري سمئہ جا پَلَ سنيارن جا رباب آهن،
ستارن جي سُرن وانگيان، وڃن ٿيون ڏڙڪنون منهنجون،
خاموشين جو سناٽو آ، نگاهون نيم خواب آهن.



امڙ بابي ۽ استادن جي تعظيمن جا سرچشما،
يا تهذيبي سماجن جي جُڙڻ جا سارا سرچشما،
اصل اُستاد آهن پر "تبسُم" جملي جُڙتن ۾،
سراسر سڦلتائن جا نصابي پارا سرچشما.



اڌ رات ڪنهن وڇير جي ڪنڌ جو ٻڌَل ڇڙو
برسات جي ٽم ٽم ۾ گهڙامنجيءَ ۾ رکيل گهڙو
ڪمري مان نڪري تن جي ٻہ ٻُڌُ راڳڻي ڪڍهن،
اي شخص! پنهنجي خول ۾ بند ٿو رهين ڇڙو.



گُڙدو نہ پانءِ، پئي نئون، گڙدو لڳائجي،
ماڻڪي نہ آئڙجي تہ نئون لينس ٽاڪجي،
سائنس ۾ سڀ جراحيون ممڪن ٿيون مگر،
دل ۾ پرينءَ جي جاءِ تي ٻيو ڪيئن ويهارجي؟



بازن جو گھيرو ڀاري، ڳيري جو خيرُ خالق!
واڳن جو وڳ چوڌاري، ٻيڙي جو خير خالق!
ڪڪرين ڪي ڪڙها هٽندي، سوچيئہ ڪڏهن "تبسم"،
ڏينهُن جا ڏنگ زاري، جهيڙي جو خير خالق!



ڪي تہ بي چينيون هيون، بي ڪل ها تارا رات جا،
جا بجا خوني خفا، ريٽيل ها تارا رات جا.
اي خداوند! چو نہ پيو اچئي جهڀو سنسار تي،
اوسارا آهہ و ٻڪا، پُسيل ها تارا رات جا.



تنهنجي ميلي مان زمانا، آشنا ڪاڏي ويا،
دلفريبيون، دلربائيون، دلربا ڪاڏي ويا،
خنده جبين ڪيڪارون ۽ مهر و فا جا آستان،
سي خدا! تنهنجي خزاني مان هليا ڪاڏي ويا.



لوڪَ جا سينا جڏھن آئينا ٿين ٿا پرين،
بُغضَ ۽ ڪِينا بدلجي نگينا ٿين ٿا پرين.
تڏھن حَيات جا تبسُمَ باقي بچيل سجدا،
جهُڪڻ بِنا ئي سمجھجن، ادا ٿين ٿا پرين.

❊

اَڪِ لُڇي، پنبڻيءَ پڇيو: ”ڇو! ڇا سبب!؟“
هُوءَ ڪُڇي، ڇَنڊي ھٽڻ جون ڪوششون،
ٿانگھَ ٿڪي ڇيو ته، پاڳل پئي ڪري،
لوھَ ۾ گنڊي ھٽڻ جون ڪوششون.

❊

قنديليون ٻَريون، شُعاعَ جَليا، شَامَ اُجھاڻي،
بي انت پتنگن جا ميڙاڪا مچي پيا،
ھيءَ شب ته پنھنجي عمر جي ھڪ رات ڳڻي وئي،
پروانا مگر رات ۾ ھڪ عمر ڳڻي ويا.

❊

سانجهيءَ سمي سِرجن ٿا پيا سَپنا اکين ۾
اُپ ڪان ڪيڏا اُڏري پهتا سپنا اکين ۾
ياد نگر جا آڏا ترڇا عڪس هُئا جن ڪي،
جيئن جيئن مهتيو تيئن ڦٽي پيا سپنا اکين ۾.

❊

ٻولارَ ۾ گُونجن ٿا پڙلاءَ، ڪوئي آهي،
ٻڌجن ٿا گهٽين ۾ غوغاءَ، ڪوئي آهي،
اي لوڪو! ٻُڌو ٿا يا لنوايو ٿا خلش ڪان،
ڦٽڪن ٿا ضميرن جا ڦهلاءَ، ڪوئي آهي.

❊

مان هوا کي ڇيم اڙي! گُهلندي نہ ڪر،
موتئي مُگري جي خوشبوءِ ڪانسواءِ،
ٽوڪي ڇيائين، تون بہ پر تبسم ڪڍُهن،
شاعري پڙهندين نہ سمجُهوءَ ڪانسواءِ.

❊

تانگھ، تنبي جي تارَ نہ روڪيو لوڪُ ٻُڌي،
ڇيرين جي ڇمڪارَ نہ روڪيو لوڪُ ٻُڌي،
نينھُن گجي ٿو شينھن جيان شريانين ۾،
گونجي ڀلي گجڪارَ نہ روڪيو لوڪُ ٻُڌي.

❁

ڪنھن سازَ سُرَ، سوداءَ جو سؤنچو بہ سُرُ ڪڏھن،
ھر وقت، ھر ڪتاب ۾ مرثيا نہ ڳولھ تون،
ممڪن آ ھُو ھجوم، ڪا سرڪس يا ڇيچ ھُجي،
ھر ميڙ گوڙ ۾ رڳو مرثيا نہ ڳولھ تون.

❁

سِڪَ جي سوداگريءَ ۾ لُٽجي وڃڻ ڪانپوءِ،
گنجَ گُلَ مان دل جي مُڪڙي پٽجي پوڻ ڪانپوءِ،
اُجڙڻ جو روح پرور منظر تہ ڏِسُ اچي،
آءِ! ڏِسُ تہ آشيانو وِڃُ جي ڪرڻ ڪانپوءِ.

❁

مونکي جوان ڪري منهنجو ننڍپڻ هليو ويو
پِيريءَ تي رَسائيندي جواني بہ وئي هلي،
مان جنهن سَرير سان ڪيو حيات جو سفرُ،
نِپٽي فَنا پُڄي، سا نيشاني بہ وئي هلي.



غمن خوشين جي رنگ سان رَتل عجيب زندگي،
اڍنگي بعضي چنگ سان تتل عجيب زندگي،
جياپي کي پِٽي ڪڍهن، سڏي حسين حيات کي،
طرح طرح ترنگ سان متل عجيب زندگي.



شاعر جي تڪيل اکين ۾ تخليق جو سَفرُ،
ٿوڙي لئہ جڙ تہ هر دفعي عميق جو سفر،
اوجاڳي سان چِلهيل ڪويءَ جي اکين کان سواءِ،
جڳ کي ڇا ڳلَ تہ ڪيئن ڪٽيو فريق جو سفر.



ھيءَ ڪھڙي فضا، ھِتِ ٻٽيو لڪڻُ پڙھڻُ گناھ!
گھوڙا! پڙھڻ ڪان پوءِ ٿيو پُرجھڻ وڏو گناھ.
سامراجي تسلط جي ٿمليل پنجوڙ ۾،
اي لوچ! طئي ٿيو سوچ سان جيئڻ وڏو گناھ.

❋

قسمت جي ٺنڻ ڪي ڪو آواز ناھي ھوندو
پڻ ساھَ جي ڪُٺڻ ڪي ڪو آواز ناھي ھوندو
ھمعصر، ھمنشين! تون، وک وک ڪي سنڀالي ڪڻ،
ويسھ جي ويڄڻ ڪي ڪو آواز ناھي ھوندو.

❋

اگر آدرشي وقتن جون آئيندي ڪي سَڏون جاڳيون،
تہ پوءِ ايندڙ زمانن ڪي، ماضيءَ وارا وصف گھُربا.
جي جڳ اڳتي اصل نسلن تي، ڪائي ڪوجنا چاھي،
تہ ڪيس صوفين يا سامُين[1] ڪي سَجِڻ[2] لئہ پڻ ڪَشفَ[3] گھُربا.

❋

(1) سامي : ميت لاءِ قبر ۾ ڳجھي جاءِ.
(2) سجڻ : نشاندھي ڪرڻ.
(3) ڪشف : تصوف ۾ ڳجھہَ يا غيب کي ظاھر ڪرڻ.

هڪڙي ندي جا ازل کئون پئي اَبدَ ڏي وَهي،
هڪڙي صدي ٿي صدين جي ڪُکِ مان جنم لهي،
ڪلتار جي گمَ ڪارَ جو ڪو انتُ ئي نہ آ،
ڪنهن کي نہ سُڌِ تہ ڪيئن ٿو ڪُلجڳُ ڊهي نهي.

*

پنهنجي بدن تان پوشَ کي لاهي تہ ڏِسُ ڪڏهن،
اي لوَڪَا! خود کي ڪَلَ ڇڪي، ڊاهي تہ ڏس ڪڏهن،
لفظن تي پڙ تو مان جيان، پهريل رهن لباسَ،
تن کي اُگهاڙبندي، منجَهن ڇاهي؟ تہ ڏس ڪڏهن.

*

اي ڪاش ارب ڪرب، پدمَ ڪٽي ڪائي ڪري،
ڍَوَ ڪري، اوڳاڇي يا اوڱرايون ڏئي هيڪر،
باقي پئسن مان منهنجي سنڌ سنواريو ها اوهان،
تواريخ جون شايد نہ پسو ها خُواريون جيڪر.

*

ٻوڏ جي تباهيءَ تي.

سويرا سُکن جا نہ آڏيون نہ مانجهيون،
لُٽي ويا گهَلر سڀ سُکيءَ سنڌ جون سانجهيون،
سَکر، ٺُل، مِٺيءَ، موري، مڪليءَ جون مُرڪون،
ملالَن سهيڙي غريبن کان وانجهيون.



تنهن ڪربلا کان پوءِ بہ تنهنجو قسم حُسين!
جاري جفا جو سلسلو اڄ تائين جهان ۾،
اڄ بہ يزيد، ابنِ يزيد جهيڙيندو اچي،
تنهنجو پيروڪار اڄ بہ ساڳي امتحان ۾.



اُداسين جو نسل هن جي نسن ۾ گِهڙڻ ٿو چاهي،
فلڪ۔ زادو اُڏي هاڻي ٽانيڪو ٽيڙڻ ٿو چاهي،
سندس موافق نہ اُپ واري، نہ ڏرتيءَ جي رهي موسم،
آجاتي ڏيهہ جو پنڇي پنهنجيءَ پَر پچڻ ٿو چاهي.



بي ايمان حڪمرانيون جيڏانهن ڏڪي رهيون هِن،
پنهنجين غفلتن ۾ ٻيهر نابود ٿيڻ وڃئون پيا.
پنهنجي غرق ٿيڻ جا ڇا ٻـ مورخ سبب لکي پر،
سَچُ هي آ همنشينو خود ئي ٻُڏڻ وڃئون پيا.



سا اُپ جون چوٽيون چڙهندي، اچي پاڇاڙ تي پهتي،
لتاڙي جُوءِ جهانن جي، آخر آڪاڙ تي پهتي،
فلڪ آندي نـ اوڪائين، نـ چاڙهين ۽ نـ لاهين تي،
عمر جي سرسوتي سڪندي فنا جي ڦاڙ تي پهتي.



نووارد ٿيندڙ هر نئين اَبهم کي اُپ چيو
هر عرش، فرش جا سيئي اسرارَ ۽ هي تون،
هر اُپرندڙ سَلي سِجَ ڏي مُنهن ڪري چيو
هيءُ وقت، هِيءُ شعورُ هي آپارَ ۽ هي تون.



محڪومين جون ساهيون ٽڪبيون، جاڳ اُتي پوندي،
جنهن دم جنهن جاءِ چٽنگون ڳڏبيون آڳ اتي پوندي،
پنهنجا سندرا ساهي جڏهن ڳوڙ تي ڪاهہ ڪبي،
سُورهيہ سُوڀ جي ازخود تولئہ واڳ اُتي پوندي.

❁

حيرانين کي حيراني تي تہ ڪا ٿئون سُوڌ ڪو نڪتو
سچڻ اچ سربسر نڪتو الاءِ ڪيئن ڳو ٻڪو نڪتو
اڱڻ تي آس آندو يا مُجيائين ميڙيون منهنجيون،
بهرحال ٻال تي ٻانيان گهي هينئن روبرو نڪتو.

❁

ساچاهہ جي سيلابن آڏو مُنجهلن کي بندن جا حق ڏيندا.
ٻي سمجهين مان مينارن کي ٻي قدرا ائين تاراج ڪندا.
هن سنڌڙيءَ مُور نہ ڇاتو هو صدين کان اُجالن جي سَڏَ ۾،
اڻ ڇاٽائين جي عميقن مان، يلغارون کي يمراجِ ڪندا.

❁

قلندر شهباز جي درگاهہ جنگ جو ميدان بڻيل.

انبن، موتين، گلابن، گل- مُهرن، روهيڙي رُت واريون،
پساهن جي ڪنيم، ساريون سڳنڌون هٿ ڇڏي ويندس،
نہ ڇاڻان هيءَ سَرَءُ هوندي پڇاڙيءَ جي يا ٻي موسم،
او سنڌ! تنهنجيون سامون توکي مٽائي پوءِ لڏي ويندس.

*

پراڻي ٽاٽي جي گهَرَ جون سيئي يادون سهيڙي مان،
نئين ٽاٽي جي لاڪپ وٽ اوهان کي اُرهَہ ۾ ڏيان ٿو،
وهيءَ واريون پنهنجي گهَر جون ساريون سرهاڻيون ميڙي،
ماضيءَ جي ڪلف ڪُنجيءَ سان امانت ڏيئي ارپيان ٿو.

*

هِڪَ اها قوم جنهن جا لاشَ بي ڪفن لڱجن،
جن جون پوريون عمريون ننگن جي انگن ڍڪڻ ۾ لنگهن،
جن کي نہ ڪو گرَه، نہ ڪو مُند جو ٿمر ساڻ هجي،
تن جي حاڪمن جون هاءِ، ترجيحون، *هيلي پيڊ هجن!

*

* سنڌ جي سقيم حاليءَ ويل مٺيءَ ۾ بلاول هائوس نئونديرو ۾ هيلي پيڊ جوڙائڻ جي خبر

اي خالق! سجدي گذارن جا، پرڪار سجاڳيون ويٺو آن،
ميراڻ ڀريل پيشانين جا ڪرتوت بہ ڇاڻيون ويٺو آن،
ڀروپي ٽولي ڪي صاحب! مذهب واريون مالڪيون ڏيئي،
باقي تہ سمورين خلقن جا، ويساهہ ڦرايون ويٺو آن.



مون ڪي ايئن ٿي لڳو رات چاندوڪين،
تنهنجي چوٽيءَ، ڇڳُن ۾ ٽيبون ٿي هنيون،
مان لُڇيس پئي تہ ڪي گيت وايون لڪان،
پر سُڻون تنهنجي وارن ۾ وِچڙيون رهيون.



اِتهاس جي صفحن مان، خوشين گهڙيون وِرهايون،
ديپاوليءَ جو ڏڻ آ، شبِ ڏِڻ جون ڪامنائون،
ڪلتارُ! شال جَڳَ جي هر جيءَ کي جوت بخشي،
گهَرَ گهَرَ ۾ ديپ ٽمڪيا، ڏياريءَ جون آجيائون.



شيطانيت جي غرض کي ماڻهن هٿي ڏني،
قدرت جو ههڙو سلسلو ته ٿي نه ٿو سگهي.
وحشت، ننگيءَ، ڪوڙ منافقيءَ تي مشتمل،
فطرت جو هَهڙو سِلسلو ته ٿي نه ٿو سگهي.



جنون، جوش جذبا جوالا ڪنداسي،
ٻاري ماسُ ٻوٽيون، مشعالا ڪنداسي،
رڳو پڪ ڏي "تبسُمَ" کي پنهنجي اچڻ جي،
اسان تي چڙي ڏي ته چا چا ڪنداسي.



محبت جي معراجن جو ساهن سان ڪهڙو تعلق،
ازلن جي آڪاڻين کي ابدن تائين رهڻو آ.
ان امرتا لئه جنهن به طالب جو اَمر ٿئي ٿو
مطلوب سان گڏ آدجُڳادن تائين رهڻو آ.



ڀيھر ملڻ ٿئي نہ ٿئي، تنھن ڪري منھنجي،
ھيءَ آخري نِھارَ تون سنڀالي رَکُ ڪٿي،
”تبسُمَ“ جي فنا بعد متان جڳا طلب پوئي،
ڪيس ھاڻي ڪان ئي ڏار تون سنڀالي رَکُ ڪٿي.



ٻُڏو آھي وفائن ۽ عقيدت جي سفر دوران،
ڪا تِرَ جيڏي ڪنھين مَنَ ۾ اگر لغزش لُڏي ٿي پئي،
چَوَڻَ وارا چوَنِ ٿا پيا، ۽ پڻ ويسَھَ بہ ٿم ”تبسُمَ“!
جتان توڪل سنڌا ٿئي ٿي اُتان سُھڻي ٻُڏي ٿي پئي.



شھر جون جيڪي پٽيون، دَرَ چائٺيون ۽ طاق ھا،
تن تي ”تبسُم“ جا چٽيل ڪل درد ڦٽ فراق ھا،
مست پنھنجي ماجرا ھر جاءِ لکندو پئي وتيو
عشق! تنھنجي سرشارين جا چِٽا تہ ٺُمطراق ھا.



ريءَ جذبن واريون جُڳل بنديون،
بيدارَ سُرن جون شُغل بنڌِيُون،
مايا ۽ موهُہ ڪاڻ ڳائيندڙ
ڪُجھہ اَمرتائن لاءِ عمل بنڌِيُون.



مون سان جو ڪلهہ وجود هو ڪيڏانهن هليو ويو
سنگتيءَ ڪي ڇا جو جُود هو ڪيڏانهن هليو ويو.
پڻ وئي ڪانپوءِ سلامَ سنيها نہ سنيارون،
وِچ منجهِ ڇا جو دُودُ هو ڪيڏانهن هليو ويو.



الوداعيون نيٺ پهتيون، الوداع چوڻو پيو
سنگتين جي ساٿ ڪان آخر جُدا ٿيڻو پيو
زندگيءَ جي سفر ۾ ملبو نہ وَرِ ملبو ڪڏهن،
ڪير تو ڄاڻي سُيان ڪي، اڄ ڪي ها ڪرڻو پيو.



هي سچ آهي تہ ڪل قومي بيمارين، ڪوڙهہ ڪينسر جا،
ووٽن جي پيٽيءَ ۾ وڃندڙ جادوءَ جي بين بينسر جا،
خوني راندين، فسادن جا بنيادي جُزَ بہ سمجهئون ٿا،
پنهنجين خواهشن سان آٽيو ٿا، حاڪمَ ڪُل پُٽَ چينسر جا.



هن رات جي سَفرَ ۾ بي انت خواب گاهون،
منهنجي شوق جي وکن ۾ منزل جون خانقاهون،
او اُپَ نگر جا منظر ايڏو نہ دَلبِ مون کي،
مون کي دُور جي مسافت، منهنجيون پارَ تي نگاهون.



تون جو پڇين ٿو ڪيئن ٿيا ساڳيا تنهنجا منهنجا ياڻ،
ڪيئن ٿيا پنهنجين پيڙائن جا هڪ جهڙا اُهڃاڻ؟
آئون چوان اٽڃاڻ! ائين جيئن مينهن جي ڪٽين جي،
سمنڊن، ندين، آبشارن سان آبَدَن تائين سُڃاڻ.



بدڪارين جي واڳ تي وڏندو رهيو سماجُ
بي راهه روين جي هاڪَ تي، هلندو رهيو سماجُ،
نَس نس ۾ اُگرا زَهر رَلائي فريب جا.
خوش ٿي وفا جي خاڪَ تي ڪلندو رهيو سماج.



ننڍيون ننڍيون گينگون، وڏيون مافيائون.
دنيا تي ٿيون قابض هَوَس جون هَچائون.
فردن، ٽولن، ڪٽنبن، قبيلن تي ڇانيون،
خود غرضين، بيرحمين، سفاڪين جو ڇائون.



راڪا جي پارَ هُئاسون، وائا به پارَ هون،
پنهنجن ئي مقتولن جا قاتل به پارَ هون،
قومي زوال جا جڏهن ڪنهن به، ضمير سان،
ڪارڻَ لِکيا ته لِکندو باطل به پارَ هون.



ناظم جوکئي جي المناڪ سانحي تي

ويڻائون، سَنکَ، سُرندا، سارنگيون سڻايان،
تون جنهن سان ريجهين، تنهن سان مان توکي ريجهايان،
ڪا پيشوازي پهريان نچان نازُ ڪيان، يا،
دلبند! تون ئي چئُه توکي ڪيئن مان ڏُتاريان.

*

ٻاتين ٻولين ۾ ڳالهايون، گلابي گفتا پئي غونچي،
هوائن سان اُڏي نينگرِ، خلا مان خواب پئي لوچي،
حياتيءَ جي اُڏارن جون، وَنِس پئي آگهيون اُسريون،
مگر ڪيس ڇا خبر، هُوءَ ڇا ۽ قسمت ڇا پئي سوچي؟

*

رات جي ماٿي تي چنڊ جهڙيون بتيون،
اڄ مسلسل اُپ تي پئي ٻريون ڪتيون،
تون جت ٻه هوندين سانورا! هونديون رونقون،
دل جي خاموش نگر ۾ يادون وري مَتيون.

*

مان سمجھيم پئي وڇوڙن جو زھر پيئڻ ضروري آ،
لازم ٿئي ٿو وصل ڪانپوءِ، ھجر پوڳڻ ضروري آ،
ڊسمبر جنوريءَ ڏاران مقرر گردشن موجب،
مان اڳ ۾ ئي سِھيٽيو ھُم، ھينئر سانوڻ ضروري آ.

❊

چالاڪين جي چالن ڪانپوءِ، باقي تو وٽ بچندو ڇا؟
اي جاڳ! ترڪ تالن ڪانپوءِ، باقي تو وٽ بچندو ڇا.
ڳوڙھا ڪرتب ڏيکاريندي، نيٽ تہ ٿڪبين ني ڪانئر!
اي نڳ! بُڇڙن حالن ڪانپوءِ، باقي تو وٽ بچندو ڇا.

❊

مان پنھنجي عشق جو عاشق، مون ڪي وِھہ وَيڙَ ٿم پنھنجا،
ڏونگرَ ڏک ڏِيلَ ڏولاوا، پِھَڻ، پَہ سيڻ ٿم پنھنجا،
پنھنجو مُشتاق ۽ شائق، پنھنجي سِڳ سالڪي مون ڪي،
۽ پڙ اِنَ نھجَ تي نيندڙ مون وٽ ھئي نيڻ ٿم پنھنجا.

❊

اسان، تنگدستين هوندي تنهنجون يادون،
سدائين سيني منجھ سانديي رکيون سي،
فاقن ۽ فراقن جي طوفان ۾ پڻ،
هي جوتون، او جانان! جلائي رکيون سي.

❊

هيءَ خود سان هم ڪلامي، پنهنجي پاڻ کي سلامي،
متڪلم ٿيڻ گهرجي، رِوح ساڻ پڻ مُدامي،
بي پروسي جهان جو ٿوڙ ايئن به ٿيڻ گهرجي،
راز ڪنهن سان سلڻ بدران، دل ۾ ڪجن آرامي.

❊

اسان جُزُ تون ان جُزَ جي ڪُلَ جو وجود،
سدائين تو غائِبَ! اڳيان سِرَ سُجود،
اي افلاڪَ، لولاڪَ ۽ ڪُلَ جا صاحب!
هميش سرين ۾ تنهنجو سُرودُ.

❊

ڪوئي پھر يا هن ڪي مان ٻَلُ چوان،
ڪجھ چئہ ني ڪيس تہ ڇا چوان.
ڪوئي گُلُ، غزل يا جَلُ چوان،
تون چَئہ تہ ڪيس مان ڇا چوان.

*

اچين ها تہ اُڌما اُلا ٿي پَون ها،
اُڪھين ها تہ ڳوڙها ڳڙا ٿي پون ها.
جي ويھي ٻڌين ها غزل گيت منھنجا،
لُڇي لفظ، چنگَ ۾ چڙا ٿي پون ها.

*

هونئن تہ توکي ڍولَ! اَمُلَ، اَنمولَ سراسر
صوفيءَ مت جا ٻول وٽن ٿا.
او ڪاٽيارا! پوءِ مايا جا ڪئين مدامي موهَہ
ايڏا اَنبوهَہ ٿي تو ۾ ڪاٺ ڪٽن ٿا.

*

ساموندي سُرڪين ڪي سُرڪيان ٿي پئي،
ناڪئا! هوريان هڪلجاڻ ناءُ ڪي،
وڻجارو من لهرون ڇهندو ويو هجي،
سمنڊ سان گهڪيان پئي مان گهاوَ ڪي.

❊

عيد تي ڪيڏارو ٿو بيٺو ڪرين،
يا وڃائين ٿو ڏياريءَ تي ڏهَرُ،
جي نہ ٿو ڄاڻين مهل جي راڳڻي،
ڇو او مڱڻا! ڇو ڪلائين ٿو شهرُ.

❊

هُن پڇيو ڪيترو پڙهيل آهين،
ڪيس ڏگري هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيم،
هن پڇيو ڪيترو ڪڙهيل آهين،
ڪيس سِگري هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيم.

❊

پوتڙي سان ٻَگھرَ کي اُگھندي لڳو ڀُٽڪڻ مزور،
جائي مزو آ جي ڪوئي جوٽي ٿو زندگي،
چئني ڳُنڍڻ کان صافي کي پڪڙي چيو پياڳَ
واھ جو نشو آ جي ڪوئي گھوٽي ٿو زندگي.



اڄ صبوح نيرن تي پُٽ مون کان پڇيو:
”بابا سائين روز جي هڙتال ڇو؟“،
مرڪي چيم:”ملڪي معيشت اي ٻچا!،
حد کان وڌ ٿي پئي آهي خوشحال جو!“



هُن وارو هر هڪ لفظ مون کي درد جو نوحو لڳو،
هُو مسافر اندران ڳُجھ، ٻاهران ڪجھ ٻيو لڳو
گڏجندي، ڪلندي هو پنهنجا لُڙڪ پڻ اُگھندو رهيو،
خاڪ هيٺان جڻ ڏٻيل هو ڄرڪندڙ ٽانڊو لڳو.



رات کي ڪنهن سمي نيٺ ڪٽڻو بہ آ،
باکَ ڦٽي پئي، ڇاڻ ٿيو سوجھرو
هن هيڏيءَ ٻاٽَ تي هيانءُ نہ هارج پرين!
جُهد جاري رهي، حوصلو حوصلو.

❁

تو عجب ڍنگ سان نهاريو راهہ تي،
اوچتو ڇٽڪار ٿيا شاهراهہ تي،
سوڪھڙن ۾ ساوڪون ڦٽنديون رهيون،
غنچا غنچا مهڪيا، اُجڙيل واهہ تي.

❁

ڪڏهن جاڳي ٿي تنهائي،
ڪڏهن ننڊ پئي اڪيلائي،
ٻالڪپڻ جان حُڪمراني،
ڪيڏي عرصي کان پوءِ آئي.

❁

هِنِ بي خلوص دَورَ ۾ ايڏي خلوص سان،
”تبسمَ“ کي، عجب لوڪ ها، قرضي ڪيون ويا،
مُروت جي ريت، توڙي جو رائج نہ هُئي بہ، ڪي،
بي انت مروتون ڪري، گِروِيُ ڪيون ويا.

*

خدارا نہ ماڻهن جا آدرش توڙيو
نہ ڦهلايو هرسُو فريبن جا ڦندا،
اَکُڻَ خواب هر ڪنهن جي اکين ۾ آهن،
نہ پوکيو فضائن ۾ ڪوڪا ۽ ڪنڊا.

*

هيل هيڏا جو گُلَ ڦُلَ، ٽڙيا هِنِ وٽي،
تون اچين تہ پُڇان توکان ڪِٿِ سي رکان،
تنهنجي يادن سان دل، مَنُ ۽ دامنَ سڄو
مان تہ سپرين! اڳيئي ڀريون ٿو وتان.

*

ڪلراٺي مٽيءَ وانگي اڪارج سڙيا مزور،
نسلن کان نسل تائين پيڙيا ويا هجوم،
او خلقيندڙ! ايئن ڪرڻ جو ڇا ضرور هوءِ،
تو ڇا جتائڻ ڪاڻ پئي پيدا ڪيا هجوم؟

❊

مَنَ! مهيءَ تي مڪڙيون ٽاٽي ڇا ڪندين،
پاڻ کي ويتر بہ ڇاٽي ڇا ڪندين،
جنهن جون ٻانهِيون، پاوا، سيرون ٽا ڇٽن،
تنهن ڪٺوليءَ کي تون واٽي ڇا ڪندين!

❊

رات جو گهَر موٺندي، اڌ واٽ تي،
اوچتو او ميت! جو بارش لٿي،
تنهنجي چنيءَ جا گُل اکر جو ڏوپجي ويا،
منهنجي پيڙا نہ مينهن، نہ ڪو ماٺهن گٿي.

❊

جيڪو ماحول گھربل ھو اُھو ماحولُ ھُئي دنيا،
سارو ڳچ، ڳُوڙهائين وارو چوکو چوبولُ ھُئي دنيا،
ھُن کان بدتر ڀلا ڪھڙو ڪو مڪرُوھہ دور ٿيو ايندو
مُکتي! تولاءِ موافق ۽ ڏاڍي معقول ھُئي دنيا.



عاشقيءَ جي سانگي ڪنھن دفعي نڪتس بازار ۾
موٽيس جو گھر تہ ڪانڌين لاٿو مزار ۾
جيئڻ جو سو ئي پَھَرُ رھيو ياد عمر ڪي،
جت عاشقيءَ جي سَينَ ھَنئي ھئي نھار ۾



ڇُور نہ پر ڇڪچور ڪري ويا سارا عيد جا سپنا،
ڪوھين اکين کان ڏور ڪري ويا، سارا عيد جا سپنا،
ھُو تہ ھُيا ئي ڦورو آيا، محل ٻڏائي ويا پنھنجا،
جھوپين جا پر جھُور ڪري ويا، سارا عيد جا سپنا.



شاعر ناهين جو سمجهين تون، سانجهين جا سرمگين پاڇا،
رائي جا رَمَلَ ڇاهنِ ۾ ڇاهي گوڏول جي پاشا،
تارن، سيارن، اونهارن جون آڌيون ڪيئن ٽيون پيون ٽڪن،
تون ڇا ڄاڻين پاتالن ۾ گُفَا جي هول جي پاشا.

❋

محبت جي نکارن لئہ، سنوارن ۾ سينگارن لئہ،
ڇِڪيل ڇاڪن سان ڇونڪن تي بہ ڇيڇلائڻ ضروري آ.
ضروري آ تہ ڪک پن تي وفا جا واعدا لکجن،
پوءِ تن کي پڻ پاڪاين سان، پڙهي پاڙڻ ضروري آ.

❋

دردن جي رهيا آڏو دردن جا قافلا
جهڙا صبوح جو تهڙا سانجهين جا قافلا،
سُورَن کان ڪا وِٿِي نہ مِلي، سر زمين ڪي!
صدين کان وني ساڳيا، آنڌين جا قافلا.

❋

مون کي عشق جو گلاب، ايئن نہ اوچتي وٽيو
ڪنهن قلم هَنيو غونچ ڦُٽو غنچئہ جان ٻٽيو
حيران ٿي نہ پُڇ تہ ڪيئن مرجهائجي ويو
باغبان جون بي ڏيانيون، ازخود ٽوروئي ڇٽيو.

❋

هليو پئي رات ٿي ويءَ تي، ليڪو اربن ۾ ڪربن جو
چيم: ”هن ڪي، چري! تنهنجو ڇو پنجي وات ويو آهي؟
اٿي ڪر بند ٿي ويءَ ڪي، ڪٽي ڏي قلم ۾ ڪاڳر،
ڪيئون ليڪو تہ ڇا ڪاڏو ڇا گُنديءَ ۾ بچيو آهي!“



اوهان خوشبوئن ڪي جهليو هو تڏهن بہ،
اوهان جو اسان ڪي ڏيئي ڏس ڇڏيائون،
او سائين! ڀلا ڪوئي روڪي سگهيو آ،
ڪڏهن چيٽ، ٻارن، گُلن جون هوائون.



بي انت پاتالن جي اونهائين جو سُنهُن،
هي بي ضميرين جو بار تنهن کان پست آ،
ها پر تڏهن، جڏهن وزن محسوس ٿو ڪجي،
ڪنهن جيت، جانور جيان، نہ تہ سڀ درست آ.



لوڪن جي چھري جيان درد بہ چھرا ٿو گھري،
مون وارو شغل بہ وجدن جي لئہ سھرا ٿو گھري،
چھرا تہ خود نمائيون زور سان ڪسي ٿا وٺن،
درد ڪيئن ڪنھن کي چوي، ھو بہ اوھيرا ٿو گھري.

*

چنڊ اڄ ايئن پئي چمڪيو سڄي ھيوسٽن جي مٿان،
چڙ تہ پري زادين ٽڪا پاتا جبينن جي مٿان،
شاديءَ رات وانگيان ڏائون ٽائون جا بلب ٽي ٻريا،
رات جي چپ ۾ بہ ڪئي شادمانا رستن جي مٿان.

*

سونھن جي ندي ٽپي، صديون تري ويو ھان،
ھڪ جوڙ ڇا، مان پنھنجا سڀ جنم اڪري ويو ھان،
پروانہ گھور ٿيا پئي، منظر ۾ جڳ مگن ھو
مان پنھنجو جنون ٽاٽي، شعلن ۾ ٻري ويو ھان.

*

جيڪو ماحول گهربو هو سوئي ماحول هئي دنيا،
ڪوڙائيءَ، ڪُپت، ڪج وارو چوڪو چوبول هُئي دنيا،
ڪنهن ٻئي ڪلجُگ ۾، ڪيئن سُقراط ايڏو مانُ پائي ها،
وهسڻ، وهہ واپرائڻ لاءِ، لاشڪ معقول هئي دنيا.



تنهنجا، دنيا جا ۽ پڻ ڪيڏا وار آسمان جا،
هيڪل پيو نيايان وهنوار آسمان جا،
گُل غوُنچ زندگيءَ جا، آنڌيون پيون ٽيون ڇاٽن،
مان پوءِ بہ ڪين دانهيان، اي پار آسمان جا.



ڪو پهريا هُن ڪي مان پل چوان، ڪجهہ چئہ ني، تہ ڪيس ڇا چوان،
ڪوئي گُل غزل يا جل چوان، چئہ ني تہ ڪيس مان ڇا چوان؟
سياندي واري سانجهہ يا حيات اڪ جي ڇنيپ آ،
ڪا ڏڳن جي دز يا جبل چوان! چئہ ني تہ ڪيس مان ڇا چوان؟



هي ڪهڙي فضا؟ هت بٽيو لکڻ پڙهڻ گناهه،
پڙهڻ ڪان پوءِ ٿيو گهوڙا! پُرجهڻُ وڏو گناهه،
سامراجي تسلط جي ٿهليل پنجوڙ ۾،
اي لوڪ! طئي ٿيو سوچ جو سرجڻ وڏو گناهه.

*

سمنڊ جيڏيون سَڌون اگر سينن ۾ سانيجن،
آسمان جيڏيون توَگلو تنهن وقت تاڻجن،
”تبسم“ سوگها سچائين سِڀين، سِڙهه سَنيالجن،
بيشڪ ٻي پار ڪاهجن، ٻيڙا سنباهجن.

*

مانوسُ ٿِجي جنهن سان، تنهن کي قيد آڇجن،
سا *ڪج روش ٿي، چاهتون گڙولي پوءِ ڪجن،
پنڇيءَ يا پريمَ سان، سو سُياءُ عَيبُ ليکبو
جنهن ساهه سان اُنس ساهجي، زندان ۾ ساهجن.

*

*ڪج، روش ڏنگائي: بي وفائي

دنيا جي راهداريءَ ۾، هن رَهہَ گُذرِ تان ويندي جهڙ کن سَراءِ ۾ ترسي، جهڙ کن وارا مسافر! سا سَراءِ سَنوار بدران، ويتر ويران ڪرين ٿو جنت نظير جڳ کي، اي بدنصيب ماڻهو! جِندُ جي مُفاد خاطر، جَهَنم بڻائين ٿو پَرَ، سوچجانءِ صدين تائين، نسلن ۾ ڪَچَ پَرين ٿو.

❊

هوائون همسفر منهنجي، گهٽائون هم رڪاب آهن،
سانجهيءَ واري سمي جا پل، سنيارن جا رباب آهن،
سِتارَن جي سُرَن وانگيان، وڄن ٿيون ڌڙڪنون منهنجون،
خاموشين جو سناٽو آ، نگاهون نيم خواب آهن.

❊

سَمُونڊَ، سَوچُون، خَيال ها تنهنجا،
ڪيڏا مشغول سَالَ ها منهنجا،
هجر جي وندر منجهه گذري وئي،
عُمرِ تي، ڇا تہ پَالَ ها تُنهُنجا.

❊

هاڻي ماضيءَ جي يادن جو
بتيلو ساڻُ جالي ٿو
جِتني طوفان وَرَائن ٿا
اتي خود سڙهہ سنيالي ٿو.

❊

شعر

عشق جون "تبسم"، آڏيون مانجھيون، سانجھ سويرا بسم الله،
رند، پنڌ، راهون، آهون، دانهون، پاهڻ پيرا بسم الله،
برپٽ، پاٽا، پار پچاٽا، واند نہ ويرا بسم الله،
ريهان، کيهان، سک نہ صريحان، برهہ بسيرا بسم الله.



تنهنجو اونداهين سفر ۾ ٽانڊاٽو اُڏي توکي سوجهرن جو گسُ ڏئي ٿو.
اي اياٽا همسفر! تون ايئن ڇو ٿو ڀانئين، توکي ٽانڊاٽو گسُ ڏئي ٿو.



محرومين وارا درد ڪنيون، هڪ شخص بيٺي پئي ٻاڏايو،
اي ڪاش! قضا ڪان اڳ مون ڪي، ڪو نينهُن نِهوڙي ها جيڪر.



ڇاٽو بہ شاعراٽو سوچون بہ ساڳي جُزَ جون، رَوَيا بہ تنهن نسل جا،
منصف! اُڏيءَ ڪُٽيءَ جا، اعمال ناما پڙ شل، ڀِتَ شاهَہ وٽان ٿي پهچن.



لاشن کي ايڏي هوم ۾ ڇڏيون هليو ويو
تدفين جو وقت ڪاٽي هو مصروف لوڪ کي.



هيءَ عمر تہ هن جڳت جي وَهنوارَ ۾ وئي،
شاعريءَ لئہ رَبَ! مان هڪ نئين جنم جو منگتو.



هِڪُ امتحان هُئي زندگي، ڪيئن ۽ ڪٿي ڪٽي،
اي همعصر نہ پڇ! تہ ڪيئن اُڪاري پُلصراط



دنيا جي احسانن جو ايڏو بارُ ٿم اي محسن،
تنهنجي وصال وارو شايد ڪڇيم ٿورو.



طوفان ۾ ڪنارو ته ڇا تختو به ڀانصيب،
پر جي ڪائي آذار ملي ٿي ته ڀانصيب.

✲

منهنجي وجود واريءَ ٻي انت ڳهَري ڍنڍ جو،
ڀهرئينءَ ٽيٻيءَ سان ٿوڀا! ڪيئن جَرُ لهي ويو آن!

✲

شمشان گهاٽ ڏي ڪلھ ارٿيءَ سان لوڪ پهتو
پَرلوڪِ پڌاري ويو احساسُ ماٺيڻي جو.

✲

پرم ئي هو جو دنيا ۾ پرم جو پرم رکندو هو
سوئي ناهي رهيو باقي پرم ۾ ڇا پرم رکجي.

✲

پهرن جا پهرَ ڪڍهن پن ڇڙ ڪي ڏسندو هُس مان،
اڄ مان ڇَڙي رهيو هان، پَن ڇڙ ڏسي رهي آ.

❊

هِڪَ پَهرَ مان صديون ڪٽي بيو پهر ٿو ڦُٽي،
هِنَ زندگيءَ جي اِينگهَ، ڪيڏو ڇيڇلائي پئي.

❊

ڪُنيَ ۾ نہ ڏوءُ، نہ سنج هاٽي گَرَّ يا گهاٽ تي،
شايد هي پوبون ڏوپ ٿئي، منهنجي وجود جو.

❊

الائي ڇو اُڪيليندي، ڇو هٿ جا سٽَ مُنجهيا آهن،
اوهان جي مَنَ ۾ ڪِٽِ مون لئہ. مٿا ميراڻِ آئي ڇا؟

❊

رات جو پَهَر آ، خوابن جي محل آ سائنِ،
پنهنجي حسين تصور جي چُني رَکُ مون تي.



اي فنا! پنهنجي تسلسل جي بقائن لئہ رڳو
مون کي ماڻهپن جي گرائين ۾ رکيون ويئي آن.



منهنجين گم شدگين جي خبرن ۾،
تنهنجين بي توجهين جو هٿ آهي.



هُنَ جي کمري ۾ کل نُورَ جا عنصر اُيريا،
هن جي پنبڻين ۾ ننڊَ مَحوِ خوابُ ٿيٺي آ.



تنهنجي هن جهان جون محبتون، ساريون لُٽي ڇڏيم،
رَبَ! محبتن يا جڳ جي نين سرحدن تي سوچ.



تنهنجي نانءَ زندگيءَ جون جيڪي بهارون ماڻيم،
باقي بہ جي بچن ٽيون، اڳواٽ تنهنجي نالي.



هن رُخَ جون جهُريل ريکائون، تجربن سان پريل آهن،
ساميءَ جي واندڪائين ۾، سُٽائبا جَڳ جهانن کي.



منهنجي شاعريءَ جون رَمزون، منهنجن تہ سمجهيون ليڪن،
تنهنجي دل جو بغض توکي محروم رکيون آيو.



توکي مُباحُ، تون جي کنهن ڪُنَ ۾ ڇڏين مون کي،
او سڪاٽا! سُنهن ٿئي منهنجن سانگين کي تڙِ رسائج.



اوهان جي، منهنجي گوندَرَ جو نہ شايد انت آ سائين،
سندس هر دل ۾ واسو آ، هي ڪوئي سنت آ سائين.



مان کنهن جو تسلسل هان، ڪير کنهن جو تسلسل آ،
سوچيندي حيرانين ۾، جِيون وِهامجن ٿا.



حادثن کي سينو آڇي حادثن کان سينو وانجهيان،
اي حياتِ! توکي کهڙو هن پهَرَ ۾ لڄائيان.



توکي بي وفا چوان نہ چوان، ڪشمڪش رهي.
ان دوران اَجَلَ پڇي چيو: ”مان وفا ڪيان؟“



مان ڇو الائي اڪثر راتين جي سوجهرن ۾،
پنھنجا سپ سناٽا ويڙهي، ساميءَ ۾ سوگھو ٿيان ٿو.



اي سنڌ! تنھنجي پرواني ڪي، هن مرد مٽير يگاني ڪي،
هن ڀُونءِ جو هر هڪ متوالو اڄ سُرخ سلامي ارپي ٿو.



پنھنجين سوچن جي هاٿي ترِن ديارن تي پڳل آهيان،
چون ٿا، هِتِ نہ ٿو ٿئي ڪو ڏکڙ، اوپر اُتر ڪوئي.



پوپٽَ، پنبوريون، پونرا، سنگتي تي پونديءَ صاحب!
غنچن، ولين، وڻن کي، پَڏرن ۾ پَڌاري ڏِسُ.
(وڻڪاريءَ جي عالمي ڏينهن تي)



شاديءَ جي شادمانن ۾، ٻنهن نيڻن جا دروازا،
آجياڻن جون ڳليون تاڻي، اوهان لئہ منتظر هوندا.



ڪيڏين نہ فرحتن مان ڪٽجي پئي حياتِ،
ڪنهن تي نہ ڪا ميارَ نہ ڪو رنجُ وقت جو.



شامَ اڄ معمول کان زياده ميرانجهي تي لڳي،
زندگيءَ جو ڏُنڌ شايد، تارِ ٿيندو ٿو وڃي.



اي زمانا توکي بيانُ ڪندي،
پاڻ داستان ٿي پيو آھيان.

❊

سنگھرن ڪي ڪيف جي ڪھڙي خبرَ،
سرڪشين ڪي ڪيئن نہ اُتساھين پيا.

❊

مون ۾ مَنَ تون اِيئن،
سِپَ ۾ موتي جيئن.

❊

ٺر ٺر اُداس اُپ جي تارن ۾ سرد رات،
بي انت فاصلن ۾ مسافر رُلي پيو.

❊

جڏهن مان پنهنجي هستيءَ جي، معمن ۾ منجهيل آهيان،
تڏهن تنهنجن مونجهارن جو مان کهڙو راهبر ٿيندس.



تنهنجي حاصل جا سڀ درجا، پڙهي ان دَرِجي تي پهتس،
جو مَس درجي ٻه درجي تو کو دَرَ جو سَگُ ڪري سمجهيو.



جنهن پنڌ تي چل تي ٿڪجي پئون، تون اڳتي وِکَ ڪنيون وڃجان،
هِنَ يُونءِ جو نسل آن شاعر! تولئہ آسروندو هوندس.



اي رات! تون پنهنجا نانگ ڪٽي، ٽُبٽين ۾ سوگها ڪر هاٽي،
هن باک جي سرحد کان اڳتي، حَدَ ڏينهن جي بگهڙن جي آهي.



محرومين وارا درد ڪنيون، هڪ شخص بيٺي پٺي ٻاڏايو
اي ڪاش! قضا ڪان اڳ مون ڪي، ڪو نينھُن نڪاري ها جيڪر!

❁

ڪڏهن ڪڏهن مان سوچيندو هُس، هينئڙو ٻيرو ڪيئن ٿيندو آ،
اڄ تو جيئن وداع ڪيو پٺي، سمجهي ورتم، هيئن ٿيندو آ،

❁

ساري رات تو سان خواب ۾ ملڻ جون خواهشيون،
ايئن رهيون جيئن ٻار ڪي چَنڊَ سان ڪُڏڻ جون خواهشيون.

❁

حسين ننگر جي واديءَ تي، ڪارونجهر جو وِچيل دامن،
صدين ڪان روز جت سانجهيون، سوئيتن ساڻ سڏڪن ٿيون.

❁

شيشن جي ڪاريگر ڪي، شيشن چيو خدارا!
تون ٽنڊ لئه چا به تاهين، هِڪ دل نه تاهجانءِ.



هيءَ زندگيءَ جو رِڻُ به انوکو آ، جنهن جي جهاڳَ،
پيرن جي بدران پاڇا ءِ پَلَ پيا ڪندا هلن.



دائم وفا جي واٽ تي ثابت قدم رَهي،
وَر وَر وجود ساڻ نئون عهَد پاڙِجي.



هن ڏاتِ جي جهان ۾ ڪنهن ابديت جي ڪاڻ،
مڱٽي ڪي چَنڊُ ته ازل واري ڏُنِ سکي وئي.



صد آفرين اي زندگيَ! جو ھر پساھہ سين،
ثابت قدم رھڻ جي توفيق پئي ڏئين.



ھڪ گھُورَ ساڻ عشق ڪيئن پيوست ٿا ڪيو
ان ڪرشماتي ديد جو شجرو تہ ٻاسِجو.



اوھان جت اسان کي ڇڏيو فاصلن ۾،
اَسان پنڌ اُتان خود پلاٽيا وِکُن ۾.



ڪجھ تہ پنھنجو ٻہ ھيو چوکو رنگ منظر کي،
اوھان جي پُڄڻ ڪيس، رھندو لازوال ڪيو.



اي رب! جهان کي ڪيڏا فرعون وري آيا،
دنيا ۾ عبرتن جو وري ڳالهُ پيو شايد.



ڪجهہ نَسبَ جو ڪجهہ خلقِ خُداوند جو احترام،
فُقرائي چوغي منجهہ مطمئن رهي حيات.



ڪڏهن بہ اعتدال جو قائل نہ رهيو عشق
آڪاش تي عُروجُ ۽ پاتالَ ۾ زوالُ.



اي۔تار مينارن تي واضح جواب آهن،
اي قوم! زوالن جا ڪنهن ڪان نہ سبب پڇجانءِ.



ڀالوا تي ڀيهر ڀاڄهه ڀريون ڪڪريون تہ قطاريندڙيون، ليڪن!
مينهن ۾ مارن کي ٻچاريندڙ مارئي ۾ ڀتائي ڪٿان ايندا!؟



جيڪو ڀتين تي لکيل هو سو مجني پئي پڙهيو ڀيٽي،
اي مستانا! لاحاصل ٿئي محبت، رهيءَ جند پيٽي.



اي تنهائيو! نہ دل لاهيو هاڙهي پاڻ پوءِ بہ هونداسين،
فرق هڪ ڪمري ۾ مَس ڪو قبر جي ماپ جو ڀيهندو.



جڏهن بہ سونهن پڇاري، تنهنجو ورد جند مان نڪتو
پنهنجي روح کي پوءِ ڇاتم، تنهنجي پوئلڳن مان آهي.



ڪنهن ويلَ، مَنَ، آويل يا سَوِيل تون اچين،
آدرَ لئہ ٻئي اکيون ڪٽي، دڳ تي رکي ڇڏيم.



تنهنجي سازن وارا سارا سپتڪ سُڏڪن ٿا،
تو ريءَ ڪير وُٺي جا گڏَ تان گيت آلاپيندو.
(صادق فقير جي مرتئي تي)



تنهنجي اڳيان جي لُڙڪ ڪريا، رائگان نہ ويا،
تو ڳوڙها خود اگهيا، منهنجو سڏڪڻ سڦل ٿيو.



ڪنهن سوچيو ئي نہ هو تہ ڪي ڳوڻن جا مزاج،
ڪي ائين بدلجي ويندا جو سوچڻ عجب لڳو.



ڪن قاڙ ناٿ ۽ پڙ تن جا گرو گسَن تي،
هنگلاج واري خواهش، مشڪل فقير ماٿي.

❊

موقعا موقعن سان ملائي هيءَ ڄمار ڪٿي؟
رَسيون، رسيُن سان ڳنڍي مس درياهہ پار ڪيو.

❊

دنيا جي سرحدن تي باهہ ٻرندڙ جنگ جا سورج!،
تون ٽرندين، يا وسامڻ لئہ اجان توکي صديون گهرجن؟

❊

آڏين جو منصفن منجهان بدروح اٿي پيگا،
بي روح ڪري ويا سڄي انسان ذات کي.

❊

توڙ تي ڪنهن سان ڪير هليو آ؟ ❊ڪُونتو نہ ڪنهن سان ڪوڙ
مُورَک! سُوچي مَيخُون هَڻُ تون، ڄِندُ نہ محڪم جُوڙ.

❊

❊ڪَونتو: ڪِلُ

جنھن پنڌ تي شَلِ ٿي ٿڪجي پئون، تون اڳتي وک کنيون وڃجان،
تون پوڙ جو نسل آن شاعر! تو لئہ آسروندو رھندس.

❊

جڏھن محبت جي ٻنين ۾ چرپائپ ڦُوھہ ڦٽندي ھئي،
تڏھن ليليٰ جو مجنون، مان، ٻِنھہَ ٻئي دنگئي ھئاسين.

❊

ڏينھن جون آڱريون ويون کولينديون ورق ورق،
ڊائري نہ پوري ٿي، مگر جُنبش ڇڏي وئي.

❊

کِنوڻ کي ڇئو تہ وٺس ڇانوَ ڇپر ئي ڪونھي،
تو جنھن رولاڪ جو گھر چوندي جلائڻ ٿي گھريو.

❊

آيل! ڏُک پاڪ دامن ھن، ۽ سُک سوداگريون آھن،
پوري من کي نہ ❊پنيلائج، بازارن جي ٻکيڙن ۾.

❊

❊ پنيلائڻ: حرص ۽ لالچ ۾ اچڻ

اردو اشعار

رشتوں کے فریبوں سے مانوس نہ ہو پائے،
چپکے سے عدم اوڑھا، خاموش چل دئے ہم۔

*

اب کے شہر سے زیادہ ہجرت گذار پہنچے،
برسوں کے بعد عید پر گاؤں کی مٹی مہکی۔

*

دل کی ہولناک تنہائیوں میں جا رہا ہوں میں
میرے عدم کو کہنا کہ وہیں سے لے لے۔

*

رشتوں کے فریبوں سے۔ مانوس نہ ہو پائے،
چپکے سے عدم اوڑھا، خاموش چل دئے ہم.

*

اے عمرِ رَفتگاں نہ مجھے دیکھ رشک سے،

تیرے حصے کے لمحے، تجھے سونپ چکا ہوں۔

*

وہ تو وارفتگی تھی تیری گلی کو لائی،

ورنہ دانستہ کوئےدار کون آتا ہے۔

*

شب خوں کے بعد وحشتوں کے اولے پڑینگے

بستی پہ اب کے درد کے بگولے جھڑینگے،

غربت نے وا گذاری کی ٹھانی ہے تبسم،

ہوشیار! اے امیرِ شہر، گولے پڑینگے۔

*

دریا تھا خود، یا اس کی نگاہیں تھیں موجزن،

میری زندگی ابھرنے، اترنے میں ڈھل گئی۔

*

مرڪ پبليڪيشن ڪراچي
پاران شاعري جا ڇپيل بهترين ڪتاب

رهيل چار ڳوڙها	استاد پيرل قمبر	مينهن ڪٽيون	سڪندر ھاڙھو
ريزا ريزا روح اسان جو	بشير سيتائي	روشني جا رنگ (گڏيل شاعري)	مرتب: سڪندر ھاڙھو
سپنا منهنجي ساھ جا	آتم نائن شاهيءَ	سنيهو سچ جو	منور علي منور کيهر
	مرتب: ذوالفقار گاڏهي	ديوان وريام فقير	وريام فقير شيخ
ڪربلا ڪان ڪربلا تائين	سرمد چانديو	نينهن نجات نعت صفات	سگهڙ وريام فقير
آرسيءَ جا عڪس	اقبال شاهين	آسرا جاڳيءَ پيا	عبد سنڌي
اعتراض	بيخود بلوچ	الف الڪ من ۾	عبد سنڌي
سونهن جو رد عمل	مرتب: رحمت پيرزادو	لهر لهر خوشبو	آڪاش ميراڻي
هوا جو رنگ ناسي آ	رحمت پيرزادو	نظم جدائي جا	اڪبر ڪرل/مرتب: نادر دايو
عشق جي عنايت	سگهڙ علي گوهر وڳڻ	جهونڪو هوا جو آهيان	عاجز عاشق تنيو
	مرتب: ڊاڪمال جامڙو	محبتون پيالا ۽ پيمانا	تاثير ناٿن شاهي
آزاديءَ جي عشق ۾	ناشاد" رشيد سنڌي		مرتب: ذوالفقار گاڏهي
ساڃاھ جا سرچشما (ڀٽائي جا بيت)	سعيد چانديو	ڪنهن موڙ تي ملنداسين	عظيم جلباڻي
ڳوڙهو ڳوڙهو سوڳ ۾	انجم قاضي	ڪورونا جنگ جهڙي آ	وحيد محسن
اوجاڳن جا عڪس	انجم قاضي	وفائن ۾ ڦڳاءِ آ	آصف اصغر پنبر
احساسن جو ديس (36 شاعر)	مرتب: انجم قاضي	ڪارونجهر تي مور	سليم چانديو
دردن ڦولاريا ڦول	وفا صالح راڄپر	قلبي فڪر	قاضي غلام مصطفيٰ
اُدب آبِ حيات	مرتب: بلال تبسم	اکيون آرسيون	محمد علي مفتون
درد نگر جا ماڻهو	عاجز غلام رسول		سهيڙ: ذوالفقار گاڏهي
احساس عاشقيءَ جو	ڪوڙل قربدار	رقص پراڻو آهيان	حسن مجتبيٰ
نرالا نوان نينهن	اسير ڏاهري	برڪا بوند بهار جي (16 شاعر)	مرتب: مرتضيٰ لغاري
ڏک ڪي ڏک آ	وسيم گبول	نئون نئون مڌ آ (16 شاعر)	مرتب: مرتضيٰ لغاري
ملندو نيٺ پنهل	"درد" هوش محمد ابڙو	روهيڙي جا رتا گُل (17 شاعر)	مرتب: مرتضيٰ لغاري

زندگي	سلطانہ وقاصي	آهين توں هن پار	شاهده کوکر
ڳولا	منور سلطانہ	سنڌ سموري گهايل ڇو؟	ارشاد سومرو
پيڙا جي پاتار ۾	خالده نسرين	آڪاس آ اکين ۾	شبانا عالماڻي
چنڊ مٽي آڪاس	خالده نسرين	گيت گونگا نہ ٿيا	شبانہ عالماڻي
ديوان نسرين	خالده نسرين	روشني آهي حسين	شبانہ عالماڻي
پھڻ پير پٿون ڪيا	فرزانا شاهين	وفائون مات ٿي ويون	شبانہ نواز
نينهن جو نوحو	فرزانا شاهين	رات وهامي ٿي	نسرين الطاف
تون ئي منهنجو محور آن	بينا مسرور	ڪونج قطارون ڏات جون (گڏيل شاعري)	ڪونج بلوچ
هانءَ هاريو مٽان	شاهده کوکر	قلم مان ڪريل لڙڪ	جميلا علي

سائين عبدالغفار "تبسم" جي شاعريءَ تي لکڻ وقت سوچڻ لڳس تہ شاعري تخيل يا آرٽ جو اصل محرڪ ڇا آهي؟ انساني خيالن جو اصل محرڪ ڇا ٿي سگهي ٿو؟؟

هونئن تہ سڄي ڪائنات پراسرار آهي پر جڏهن کان انساني سماج اڏيو آهي ۽ تهذيب جي ترڪيب سبب آرٽ جو جنم ٿيو آهي، تڏهن کان ڪائنات ۽ فطرت پنهنجي زمان مڪان سميت هر منظر ۽ مظهر ۾ منجمد ٿي، تهائين وڌيڪ پراسرار ثابت ٿي آهي. فطرت يا ڪائنات توڙي زمان ۽ مڪان جي منجمد ٿيڻ مان مراد سيڪنڊ اميج جي ٿي آهي، جيڪو فقط ۽ فقط آرٽ جي مرهون ـ منت شاعريءَ ۾ مصوريءَ ۾ راڳ رقص ۾ ساز آواز ۾ نثر نظم ۾ يا فن ۽ جماليات جي ڪنهن بہ پهلو ۽ پرتوي ۾ جڏهن اهو انساني تصورات جو جذبن ۽ احساسن جو تجرباتي ۽ مشاهداتي سيڪنڊ اميج هڪ ڀيرو آرٽ ۾ محفوظ ٿي وڃي ٿو، تڏهن ڪائنات فطرت يا زمان ۽ مڪان سچ پچ تہ منجمد ٿي وڃن ٿا.

سائين "تبسم" جي شاعري دراصل عوامي شاعري آهي جا عوامي احساسن جذبن ۽ خيالن جو جمالياتي مظهر آهي. جنهن جي تجرباتي ۽ مشاهداتي پرواز بہ عوامي آهي ۽ ان تخيل جي تاثير بہ عوامي آهي. ۽ انهيءَ تخيل جي ٻولي بہ عوامي آهي. عوامي شاعري ڪنهن بہ قومي سماج جي اجتماعي لاشعور جو سگهارو جمالياتي شعور هوندي آهي.

جا پنهنجي عوامي تهذيبي ماضيءَ جي ڪڙيءَ کي ڪڙيءَ سان ملائي پنهنجي حال جي تخليقي اُٽت ڪندي آهي. لاريب سائين "تبسم" جي شاعري اهڙي ئي شاعري آهي، جنهن ۾ اها سگهہ آهي تہ هوءَ عوامي ميڄتا ماڻي سگهي ۽ عوامي امنگن جي ترجمان ثابت ٿئي.

پروفيسر ساجد سومرو

جنوري 2023ع

ISBN 978-627-7688-06-6

Rs.500/-







سوره سنڌي ادب



صاحب خان ·سوره· ميراڻي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488